# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## www.sascitysukkur.com

# ڏينهن ڏٺي جا سپُنا

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽِي

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر


ڏينهن ڏٺي جا سپنا
اياز گل

# فهرست


* پهريون پنو (ٽائيٽل)
* ٻه لفظ
* گل ۽ غزل (وفا ناٿنشاهي)
* غَزل
* سلامتيءَ جي علامت نظم (رسول ميمڻ)
* نظم
* گل جا گيت (نصير مرزا)
* گيتَ

* وڙوائيءَ جو جي لَهين (ادل سومرو)

* وايون

* خوبصورت شاعريءَ جو هڪ حصو (مختيار ملڪ)

* ٽيڙو، رينگا، ترائيل

* باڪَ جهڙا بيتَ ۽ دوها (تاج جويو)

* پويون پَنو

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستي پاران، جديد سنڌي غزل جي سرموڙ شاعر محترم اياز گُل جو ڪتاب ”ڏينهن ڏٺي جا سپُنا“ اوهان دوستن جي برقي پردي جي آڏو آهي. هن ڪتاب ۾ اياز گُل جا غزل، نظم، گيت، وايون ۽ بيت دوها وغيره ڏنل آهن. دوستو، اياز گُل جا هونئن ته سمورا ڪتاب پنهنجو مٽُ پاڻ آهن، پر اها هڪ عام راءِ آهي ته هن ڪتاب ۾ سندس شاعري تخيلاتي حوالي کان هماليه جبل کان به وڌيڪ اوچائي رکي ٿي. هي ڪتاب سندس سمورين شاعراڻين صلاحيتُن جو نچوڙ آهي. اسان جي اها ڪوشش رهندي ته سندس سموري شاعري اوهان جي آڏو آڻجي.

هن سلسلي کي بهتر کان بهترين ڪرڻ جي لاءِ اسان ڏانهن تجويزون موڪلڻ نه وساريندا.

اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءَ کي پاڻ تائين محدود نه ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءَ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر
عبداللطيف انصاري
شمس آباد سکر سنڌ
فون : 0333.7146119
اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

# گل ۽ غزل

وفا ناٿنشاهي

شاعري جيتوڻيڪ سوين شاعر ڪن ٿا، پر ”شعر“ تمام ٿورا شاعر ٿا لکن. انهن تمام ٿورن شاعرن ۾ اياز گُل جو نالو به ڏئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ انيڪ ادبي ڪوتاهين ڪان اياز گل جي شاعري به آزاد ڪونهي، پر اهو چوڻ به غلط نه ٿيندو ته جيتري عمر ۾ وقت ۾ ۽ جهڙي رنگ ۽ ڍنگ سان اياز گُل، غزل کي جدت ڏني آهي، نئين ٿهيءَ جي ڪنهن ورلي شاعر کي اهو مقام نصيب هوندو. اياز گُل پهريون شاعر آهي، جنهن نابالغ عمر ۾ بالغ شاعري ڪئي آهي، جيتوڻيڪ سوين بالغ شاعر، نابالغ شاعري ڪري رهيا آهن. !!

هونئن ته شاعريءَ جُون سڀُ مروج صنفُون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي محنت طلب آهن، پر منهنجي خيال ۾ غزل، سيني صنفُن کان وڌيڪ ڏکي صنف آهي، ڇو ته غزل لکڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن رديف، قافيي، بحر وزن ۽ ساڪن متحرڪ جهڙيون پاراٽيُون غلطيُون ٿيو وڃن. اهڙي قسم جا مثال هزارن غزلن مان ڏئي سگهجن ٿا. اياز کان وٺي اياز گُل تائين سيني شاعرن غزل لکيا آهن، پر غزل جو حقُ تمام ٿورن شاعرن ادا ڪيو آهي.

غزل ڪي رُجعت پسنديءَ جي علامت ۽ آزاد نظم ڪي ترقي پسنديءَ جي پڳ سمجهڻ وارا به غلط آهن. چو ته اياز، تنوير، امداد، شمشير، تاج بلوچ، نياز همايوني، قمر شهباز ۽ ذوالفقار راشدي، ترقي پسند شاعريءَ جا وڏي ۾ وڏا شاعر آهن، پر انهن مان اهڙو ڪوبه شاعر ناهي، جنهن غزل نه لکيو هُجي. انهن مان ڪن ته شاعريءَ جي شُروعات ئي
غزل سان ڪئي آهي.

# غزل

نيري اُڀَ تي جيئن ستارا هن
لُڙڪ اکڙين ۾ ائين ڦهليا هن

ساريُون همدرديُون ڪپي ويندوَ
گهاوَ پنهنجا تمام گهرا هن

جن جي ڪائي بہ ساڀيا ناهي
سي اسان جي اکيُن جا سپُنا هن

لوڪُ سارو سُمهي پيو آهي
نينڊَ مهٽي خيالَ جاڳيا هن

ڪيرُ ڄاڻي تہ ڪهڙي راهہ وٺن
جيڪي تُنهنجي شهر مان نڪتا هن

ياڊُون بارود جي سُرنگُن جيان
ذهنَ ۾ هرطرف ڌماڪا هن

جن جو احساسُ ويو مَري آهي
هاڻي ماڻهو اُهي ئي جيئرا هن

پهڻ - اکيون ڪنڌر ڪنڌر چهرا
هر طرف ڏيبلَ چڻُ ته نعرا هن

جن جي چهري تي جنگ جي ڪارنهن
تن جي هٿَ ۾ امن جا جهنڊا هن

روزُ چپيانجن، ته به خاموشي
ماڻهو ڏامر جا چڻُ ته رستا هن.

يا خُدا! زهرُ انڌيرن جو پکڙبو تو وڃي
تُنهنجي تخليقَ جو هر نقش اُجڙبو تو وڃي

ماڻهو ماڻهو آ چڙُ هيڊ جي درياءَ ۾ ٻُڏل
دردُ ٿي - ٻيءَ جيان جسمن سان وچڙبو تو وڃي

ڏينهن جو ڪيرَ جيان اُجرو ۽ مُقدس چهرو
راتِ جو تيز ننهنَ سان رهڙبو تو وڃي

اَلامان ايڏي تنهائي ۽ ايڏي وحشت!
پنهنجي سوچُن کان به ماڻهو تہ وچڙبو تو وڃي

چوڏهن سؤسالَ اڳي وارو ئي منظرُ ساڳيو
ڦٽُ جيڪو بہ سِبيل هو سو اُڌڙبو تو وڃي

سُونهن، سَچائي، اَمن هاڻي ڪتابي ڳالهيون
پيارَ جو پيرُ بہ ڌرتيءَ تان اُکڙبو تو وڃي

تُنهنجو اڄُ خطُ جيئن مليو آهي
ساهُ مُنهنجي سَرير پيو آهي

توکي مُنهنجي ڏُکن جي ڪهڙي خبرَ
تو تہ مونتي سَدا کِليو آهي

چندُ تارن جي ميڙَ کان وچڙي
راتِ جو ڪيترو رُليو آهي

هُن مونکي ڇڏيو وساري تہ
اُپُ ڪهڙو ڀَلا ڪِريو آهي؟

لمحي لمحي لِڳايو آهي ڪاٺُ
لمحي لمحي ٽَڳيو ڦريو آهي

مُنهنجي اندر جو هو هنيلو شخصُ
گهتجي گهتجي مري رهيو آهي

ڪوڙ - بازارُين ۾ ماڻهوءَ جو
اگهُ ڪيڏو ڪِري پيو آهي.

چهرو چهرو پنن جيان ويو ڇڻي
شهرُ پڙيانگ تي ويو آهي

توڪان وڇڙي اُداس ماٺهو گُل
سجَ وانگي جلي رهيو آهي.

ڳالهيون چڻُ مهڪارُون آهن
تُنهنجا ٿهڪَ بهارُون آهن

ملين، نہ ترسين، ڳالهائين نہ
توڏي ڪوڙَ ميارُون آهن

تُنهنجا ئي ڪَن ٻُڌن نہ تا ھُونئن
پنهنجُون تيز پُڪارُون آهن

هو بہ اُن جو ئي تي ويندو
جنهن وٽِ بنگلا، ڪارون آهن

پيارُ وٺَ تُون نڪتو آهين
ساريُون سُجَ ٻزارُون آهن

ڪنهن سان ڪنهن سان ملبو هاڻي
دَرَ تي دردَ ۔ قطارُون آهن

پاڻَ جيھَن لئہ کُھريون کُھريون
ڳالهيون چڻُ تلوارُون آهن

مان انسانُ رهيو ئي ناهيان
شاهد سڀُ اخبارُون آهن

نيٺ ڳلن تي اندَلَٺِ لهندي
هاڻِ جي لُڙڪن لاڙُون آهن.

مُنهنجي نظر هلي وئي آهي تُنهنجي گاڏي سان
پليٽ فارم تي بيٺو آهيان، اندن وانگي مان

توکي وڃڻو ئي هو تُنهنجي، کا مجبوري هوندي
کھڙي پوءِ شڪايتَ توسان، ٽرين سان سنگنل سان

جيونُ اڄُ بہ خالَ، سوالَ، عجب نشانيُن جهڙو!!
پاڻَ کي سمجهي ڪينَ سگهيوهان، توکي ڇا سمجهان

هن ڳليءَ کان هُن ڳليءَ ڏي ذري ذري پٽڪان تو
وقت جي تيز هَوائُن ۾، اخبار جي ٽڪري جيان

ٻاهران توکي دوست!، برابر نيڪ ٺاڪ لڳندو هوندس
اندران آءٌ اُڏوهيءَ کاڌلُ کاٺيءَ جيان آهيان

ماڻهوءَ جي هٿَ ۾ بندُوقون، مون کي کا پرواهَہ؟
مون کي خوفُ اچي ٿو تُنهنجي هٿَ جي پٿر کان

هُونئن تہ ڏينهن کان دروازو کُليو ئي ناهي پرَ
تُون ٺورو کڙکائي ڏسُ تہ، شايد کُلي پَوان

ويندي ويندي تُنهنجي نرمل نيڻن ۾ موتي
هر هر ساڳيو منظرُ ڏسان، لُڇان، ڦٿڪان

سنجهان کان تُنهنجو، تُنهنجن ڳالهين جون يادُون
سنجها کان ئي مَنُ ڏاڍو بيزار آ دُنيا کان.

اوهان جي دَر تي ائين بيٺا رهياسي
گهٽيءَ جي نانوَ جو چِٽُ بورڊُ هاسي

هليا ڳولڻَ هُياسي آئيندي کي
شهرَ جي گوڙَ ۾ گُم ٿي وياسي

اهو ساري اکيون پرجي اچن ٿيون
اسان ڏاڍو ڪڏهن کِلندا هُياسي

ڪڇيءَ متيءَ مان جوڙي زندگيءَ کي
ٽِڪي برساتِ ۾ نڪري پياسي

اسان تُهمتَ ڪنئي ۽ هُن پٿرَ
زماني سان نَوان ناتا ڳنڍياسي.

اُهي اکڙيون ٻه اکڙين جهڙيون اکڙيون
اسان جن جي مُهابي جي سگهياسي

راتِ جو پويون پهر، مان هُيس ۽ چنڊُ ٽڪل
هَوا ڳڙاٽڙي پائي چَيو: ”اُٿي، گهرِ هَلُ“

اسانجي جهُوپي جو هڪُ ڪکُ نہ رهيو باقي
اوهان جو ڪَرَ ڪنيون بيٺو رهيو سَدا جيان مَحلُ

هو شخصُ، ڪيڏي نہ بدبو هيس خيالن ۾
سچو وَڳو ئي هُيو جنهن جو سينٽ سان مهڪيل

ڪالهہ جو ٺهڪ ڏنم دوستن سان گڏجي ڪري
لڳو اُڌارَ تي سو ٺهڪ پيي ڪٿان ورتلُ

مِٺي! ملين جي نہ آهين تُون بن مهينن ڪان
نہ ڪو ڪتابُ ٿو پڙهيو ٿي، نہ لکجي غزلُ

ڪمري ۾ گهڙندو جي آهيان، تہ ماري وجهندو آ
تُنهنجي تصويرَ بنان ميزَ تي فريم پَيل

زمانو مونکي ڪڏهن هوشَ ۾ لڳو نہ، ۽
زمانو مونکي سَدا سمجهندو رهيو پاڳل.

هڪُ ٻُچڙو بس اسانجو گھر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبَر آهي

تُنهنجي هر ڳالھ لاڙَ ماڪيءَ جي
مُنهنجو هر لفظُ چِڻُ زهر آهي

هي بہ تُنهنجي ئي شهر تي وسندو
پاڻَ ڪان رُتل هر ڪڪرُ آهي

پيارَ جي ڪُجهُ ڪٽين مان چا تيندو؟
دل جي ڏرتي نِسورو ٿَرُ آهي

تُنهنجا ليڪا اجا ڪُٽن ئي نہ تا
راتِ جو آخري پَهر آهي

مون تہ جَڳَ جي سِتم جو ذڪر تي ڪيو
تُنهنجي چو نرڙَ تي پَگھرُ آهي!!

بددُعا ڪر لَڳي پَئي شايد
هر دُعا هاڻي بي اثر آهي.

ڪيتريُون زندگيُون اَڌوريون هِن
ڪيترو روشنيون شهر آهي

سُور سَهڻَ جو ڪو ساهَسُ
ناهي دنيا! بس ڪر بس

اڄڪلهه پنهنجو جيونُ ائين جيئن
بين وڳي ڪان پوءِ ڪئمپس

پنهنجو پنهنجو پارٽ ڪيون پيا
دنيا هڪڙي آ سرڪس

پاڻَ تہ پيارُ ڪندا رهنداسين
هُن تي پنهنجو ڪهڙو وسُ

هو جو مون سان ملندو آهي
ماڻهو ٿيندا هِن جيلس

مُنهنجي دل جي اونداهين ۾
تُنهنجي پيارَ ڪئي چؤڏس

تُنهنجي ذڪر بنان هِن پيارا!
ساريون ئي ڳالهيون بوگس

پيارَن ماڻهن جي سامهون گُلُ
تي ويندو آهي بيوس

پنهنجو ڪوئي ڪَمالُ ناهي مِٽي!
پيارَ کي ئي زوالُ ناهي مِٽي!

جڳَ جي ڪيتري اٿئي پرواهہَ!
توکي مُنهنجو خيالُ ناهي مِٽي!

جنهن جو ڪوئي جَوابُ ڪينَ هُجي
اهڙو ڪوئي سوالُ ناهي مِٽي!

پرجي سگهندو نہ توکان وچڙي ڪڏهن
جهڙو تهڙو تہ خالُ ناهي مِٽي!

توڙي ڪُجهہُ يي نہ آهي هٿَ وسَ ۾
پوءِ بہ سپُنن جو ڪالُ ناهي مِٽي!

جن بہ نيڻن ۾ نينهن پلجي تو
تن جو ڪوئي مثالُ ناهي مِٽي!

تُون ملينءَ جَڳُ ڇڏي وڃي پل تہ
هاڻي ڪوئي مَلالُ ناهي مِٽي!

مون ڪي ماري پَناهَ ۾ رکجانءِ
ڪا تہ نيڪي گُناهَ ۾ رکجانءِ

ڪوئي هڪُ شخص ناهي ڏوهاري
شهر سارو نِگاهَ ۾ رکجانءِ

پيارُ پنهنجو صَفا اڪيلو ٿَئي
دوست! سانديِ تُون ساهَ ۾ رکجانءِ

ڪنهن نہ ڪنهن موڙَ تي تہ ملنداسي
آسَ پوئين پَساهَ ۾ رکجانءِ

ڪنهن مُنافق جي راڄَ جا ماڻهو
ربَ مُنهنجا! پَناهَ ۾ رکجانءِ

ڪوڙَ اونداهَ سان نہ ٿاهُ ڪبو
اهڙو نُڪتو بہ ٿاهَ ۾ رکجانءِ

پويان اوندهہ جي وَرِ چڙهي نہ وڃن
ديپُ ٻاري ڪو راهَ ۾ رکجانءِ

ڍاهي هٿَ جون سڄون لڪيران مان
ياڳَ جي شهرَ مان تو ترڃان مان

تُنهنجي گهرَ جي تلاشَ ناهي دوست
پنهنجي گهرَ کي ڀيو تو ڳوليان مان

زندگي قيد جڻُ ڪُٽندي ۾
جڳُ مونکي ۽ توکي چاهيان مان

خوفَ جو خول لاهي اڇلائي
شهر جي گوڙَ مان تو نڪران مان

جڳَ کي جو وَٽي ڪري مون کي
ٺيڪ آهي غلط تو سوچيان مان

اڄُ ٻه ڪلهه جيان اُداس ۽ تنها
تُنهنجي گهرَ جي اڱيان تو گُذران مان

شالَ اهڙو ٻه ڏينهن اچي جڏهن
توکي ڪنهن گيتَ وانگي ڳايان مان

سڄَ جو موتُ ڪوئي ٿيڻو آ!!؟
ڏِسُ نَئين تاوَ سان تو اُيران مان

دوستَ! نہ تي آزارن وانگي
ڏُشمن جي هٿيارن وانگي

دردَ بہ دل جو ساٿُ ڇڏي ويا
راڄن جي غدارن وانگي

تُنهنجي گهرَ ۾ پاڻُ لڳي تو
گورن وچ ۾ ڪارن وانگي

پڙهي ڪري اڇلايو وَيو هان
ڪالهوڪيُن اخبارُن وانگي

تُنهنجا نيڻ چُمڻ تو چاهيان
ٽيهن ئي سيپارَن وانگي

دُنيا پيي بيزارُ ڪيو آ
ٽي - ويءَ جي اشتهارن وانگي

ذاتِ پاتِ جا ويڇا آهن
ڏارَ پيلَ ديوارن وانگي

قسمتَ ساڻُ اچين تي تُون پي
عيدُن ۽ تهوارن وانگي

ڏيانَ طلب سان پريو پيو هان
سنڌيءَ جي اخبارُن وانگي

راتِ ٻه ننڊَ اچي وَئي آخر
روئندي روئندي ٻارن وانگي

توسان گڏجي ٿا گُذاريون جاني!
ياڳَ پنهنجا ٿا سنواريُون جاني!

پاڻَ سان پيارُ اجا ڏاڍو آ
ڪيئن توکي ٿا وِساريُون جاني!

ڪنهن بہ چهري کي ڏسُون ائين لڳي
تُنهنجو چهرو ٿا نهاريون جاني!

سجُ ناهي جي چڙهيو، چا ٿي پَيو
آءُ ڪو ديپُ ٿا ٻاريون جاني!

جڳُ ڀلُ تہ ڪري بندوق سڌي
پاڻَ ڳيرا ٿا اُڏاريون جاني!

پاڻَ تہ ٻُڏندا وڃون هَر لمحي
توکي ڪيئن پارِ اُڪاريون جاني!

رتُ انسان جو تہ پي ٿا وَڃون
مکِ پيلَ چانهہ ٿا هاريون جاني!

جڳُ ٻُڌندو تہ ڪينَ ڏيندو ملڻُ
ايترو زور سان تہ نانءُ نہ ڪَڻُ

باڪَ جي ڦُٽڻ جو ڏسي منظرُ
يادِ ڪنهنجو اچي ويو مُرڪڻ

ڪيترو پُرخُلوص آهين تُون
شهرَ ۾ يادِ تو اچي واهَڻُ

هڪٻئي کي ڏسُون تہ مُنهن ڦيريُون
شالَ اهڙو ڪڏهن نہ ٿي گڏجڻ

موتَ کان زندگيءَ ڏي آهي سَفرُ
تُنهنجو مُون کان رُسڻُ، رُسي پرچڻُ

او پرين! زندگيءَ جو هر هڪُ پَلُ
تُنهنجي شاديءَ جو ڪاردِ آهي چَڻُ

گُل وکريلُ هُجي تہ بہ خوشبوءِ
ءِ هو پارس آهي تہ بہ پاهڻُ!

ڏڪَ جي نہ پُڇاڻي آ
هر شخصُ ڪهاڻي آ

تُون مان ئي اَياڻا هَئون
دنيـــا تہ سِيـــاڻي آ

هر پيارَ کي پوڙي تو
رسمُون اُهو پاڻي آ

ڏيئي کي سَلامت رکُ
جـــي لاٽَ اُجهـــاڻي آ

احساسَ بنان ماڻهو
اخبـــــارَ پُراڻـــي آ

سڀُ ڏوڙ ڪري ويندي
جـــا ڏُوڙ اُڏاڻـــي آ

هُوء مان ۽ رُڳو ڳوڙها
ناوِل جي پُڇاڻي آ

”مون لاءِ مري وئين تُون“
هُن تارَ اُمـــــاڻي آ.

تُنهنجي ساموهو آ جهڙو حال آهي
باقي چڙئي ٽيڻ ۾ سالُ آهي

خالُ آهي رُڳو سَوالُ آهي
ڇهري ڇهري تي ڏسُ زوالُ آهي

ڇو تٿي ٿي وَجي پَلا مُنهنجي
توکي ايڏو اگر خيالُ آهي

گهُٽَ پُوسٽَ ۾ جيئرا ماڻهو!!
بس سَچو پيٽَ جو ڪَمال آهي

جو ٻه ڪُجهہُ ٿي رهيو آ دنيا ۾
طاقتُن جو نٺيو مثالُ آهي

توسان تُنهنجي ستَم جو ذڪرُ ڪيان
مونکي اهڙي ڪِٿي مَجال آهي

تُنهنجي ڪاوڙِ تہ مان سَهي ويندُس
توکي روئندو ڏسڻُ مَحال آهي

شنينهن ساڳيو نہ نگاهُون ساڳيون
ڪيئن رَهنديون اُهي پانهون ساڳيون

تُون ۽ مان دوست! بدلجي وَياسي
پَر نہ بدليُون اُهي راهُون ساڳيون

پيارَ جو سفرُ شروع ”آهہ“ سان ٿيو
۽ رهيون پيِ وجي آهون ساڳيون

اڄُ بہ مهراڻُ سچو مياڻي آ
لاٿَ جُون ياٿَ تي ڪاهون ساڳيون

هيءَ ڏکهِي رات سهي ڪُٽندي ضرور
دردَ رهندا نہ پو دانهون ساڳيون.

مونکي درياهہ جيان پائي وَئي آ
هڪَ نظر اهڙو تہ گهائي وَئي آ

آءُ چاهيان پيو نہ جُڙي سگهندُس
ايئن ٽُڪرن ۾ ورهائي وَئي آ

مونکي آئي تہ ڪِلائڻَ لاءِ هُئي
پنهنجي پوتي بہ پِسائي وَئي آ

رنجشون، نفرتُون، دوريُون ئي سَهي
زندگي ڪُجهہ تہ بَچائي وَئي آ

آئي ۽ وَئي هَلي، لَٽي جيونُ
واءُ هُئي، ڌُوڙ اڏائي وَئي آ

باڪَ جي ڦُٽڻ جو يقين ڏئي
آخري ديپُ اُجهائي وَئي آ

جڳَ تي ڪهڙيون مَيارُون تيندَيون؟
هوءَ ئي جذهن لنوائي وَئي آ

جيونُ ائين گُذاريو آهي
اوبر پاٽي هاريو آهي

مَرندي مَرندي هڪڙو ماڻهو
تُنهنجي نانوَ جياريو آهي

البم کولي تُنهنجو چهرو
ساري راتِ نهاريو آهي

مُنهنجي ئي گهرَ جا دروازا!
تو چو ائين ڌِڪاريو آهي

پاڻَ جلي رکَ تي وياسي پَر
جڳَ جو هانءُ تہ ٺاريو آهي

سنڌڙي! تُنهنجو سُنهن تہ توکي
سپُنن ۾ ئي ساريو آهي

تُنهنجي سڏَ ۾ سڏُ ڏنو، هونئن
جو آيو سو ٺاريو آهي

توري گهٽي تي ٿي ٿو وڃي روئڻهارڪو
پنجويهن سالن ۾ ٿو لڳي چڻُ ته ٻارُڪو

وعدو ته اُن ڏينهن ڪان جيئڻُ چڏي ڏبو
توکي رهيو نه موٽي جڏهن اعتبار ڪو

توساڻُ پيارُ آهي، تڏهن ئي ته ٿا سَهون
الزامَ ڪيرُ ٿو ڪٽي ائين هاسڪار ڪو

هُو جڏهن ٿو مِلي ته لڳي اوپرن جيان
ڇهرا ڪَٽي ٿو گهُمندو وتي بيشمار ڪو

ڏُک، انتظار، خوف، تجسسُ ۽ وري ڏُک
جيونُ ٿو هاڻي ڊرامو لڳي قِسطوار ڪو

انـــــــدرُ اُداسُ هونـــــــدو
مـــــــنظرُ اُداسُ هونـــــــدو

جيسين مِلي نہ سگهبو
دلبـــــرُ اُداسُ هونـــــــدو

مونکي هو جنهن ڏِکاريو
ســـــو گهرُ اُداسُ هوندو

کنهن تي کندو هو جادو
ساحـــــرُ اُداسُ هونـــــــدو

کو ديوتا، نہ داسي
منـــــدرُ اُداسُ هونـــــــدو

شاعر هتئن ۾ کورو
ڪاڳـــــرُ اُداسُ هونـــــــدو

هُن جي گِليءَ ۾ هڪڙو
چوڪـــــرُ اُداسُ هونـــــــدو

لفظَ ڳوليندا رهيا سي ٻيئي
رات، چُپ چاپ ئي لنگهي ويئي

هُن جي مُرڪڻ ۾ آ الائجي ڇا
مُرڪندا هونئن تہ رَهن ٿا ڪيئي

پنهنجو جيونُ بہ وڃي ها سُڌري
هٿُ، هٿَ ۾ جي ڇڏي ها ڏيئي

پاڻَ بہ سردُ ٿي ويا سي ۽
جڳَ جي دل بہ ٺَري پيئي

راتِ رُلندا رهياسي ٻين ٽائين
هيڪلائي، اُداسي، مان، ٽيئي

تُنهنجي وڇڙڻ جي حادثي ڪان پوءِ
حادثا ڪَرَ ڪٽي اُٿيا ڪيئي

وقتُ، زخمن کي تہ ڀَري ٿو ڇڏي
دردَ پر دوست! رهن ٿا سيئي.

شخصُ هو نرالو آهي
جُون ۾ جهُڙالو آهي

ڪنهن بور فنڪشن جو
آخري مقالو آهي

زندگي خُدا جو سُنهن
زَهر جو پيالو آهي

ڇوڪري تہ ناهي هوءَ
شاهہَ جو رِسالو آهي

ڪنهن بہ ڪَم جو ناهي
هيڏو توڙي نالو آهي

هُو حوالا ڳوليندي
تي وَيو حَوالو آهي.

ڳليءَ ڳليءَ ۾ حشرُ آهي، ڪربَلائون هن
زبانُون خُشڪ، اندر ۾ رُڪو صَدائون هن

ڪوئي نہ آهي جو، عيسىٰ جي تي سُجاڻپ اڄُ
صَليب ڪيڏا نہ هيڪل ڙيا! چوڏسائون هن

نہ ڪنهن رَسول نہ پيغمبر جو آهي پاراتو
اسانجي قومَ کي اَزلي ڪي بددُعائون هن

ائين نہ سوچو تہ، طوفانَ جي عَلامت آ
اوهان تہ خوش ٿيو، ڏيجي وَيون صَدائون هن

اصُول پسند، وفا شُعار ۽ زَمين پرست
اسانجون دوستَ! برابر گهٽيون خطائون هن

الائي ڪاٿئون اَچي ، بي رُخيُن ڪيو ديرو
اوهانجا نيڻَ بہ هاڻي تہ چڻُ سَزائون هن

اوهانجي پيارَ کان مليل، اسان کي ورثي ۾
اوهانجي يادِ ۽ ڪيسي ۾ ڪُجهہُ دَوائون هن

اسان جي ياڳَ جا لکيا، وٽين جيئن لکن
اوهان جي گهرَ ۾ ته رهندائي ديوتائون هن

هو جيڪي گُل ڪٽي دُور هاڻ ٽڙيا، تن جي
سُڳنڌَ آيون ڪٽي پاڻَ وٽ هوائون هن.

حادثن جا شِڪارَ ٿيندا وَڃن
ماڻهو جي بُردبارَ ٿيندا وَڃن

آئينَن جي اڳيان اڇي چهرا
پاڻَ کا شرمسار ٿيندا وَڃن

ڪالهه هڪڙوئي هَٿُ ڪَچيل هو اڄُ
هڪُ ٻہ، سَوَ ، هزار ٿيندا وَڃن

همتُون چو جَوابُ ڏينديُون وڃن!؟
منزلون، رهگُذار ٿيندا وڃن

توسان مِلندي جي پنُ جَڻَ ٻہ هُجي
ايئن لڳي جڻُ بهارَ ٿيندا وڃن

هڪَ سُک لاءِ سَؤ دفعا روئڻ
ٿهڪڙن جا ڏُکار ٿيندا وڃن

وحشتُن جي ٻہ انتها آهي
خُوابَ، اکڙيُن کان ڌار ٿيندا وڃن

مان هُيس دردَ ۔ غَفائُن ۾ گُم
تُون هُئين پنهنجي ادائُن ۾ گُم

پنهنجو تختو أي وَيو اونڌو تي
هُو هُيو لوڪَ ۔ لَڄائُن ۾ گُم

مُلهه جذبن جي عبادت جو نہ ڪو
هرڪو رسمَن جي خُدائن ۾ گُم

ڪيترئُون معافُ ڪريءِ معاف ڪندين
پنهنجو جيونُ أي خطائُن ۾ گُم

تي وئي آهي سدا ليڪي مهل
هر وفا پنهنجي جَفائُن ۾ گُم

جي ڪريلَ هٿَ ڪڇياءِ تي ويندو
ماتِ ج شهر صدائُن ۾ گُم

اڄُ ڪُجهہُ عمل جي دُنيا ۾ مٿي
ڪيسين رهندينءَ تُون دُعائُن ۾ گُم

پنهنجي ڏيئن کي سنيالي رکجانءِ
تين نہ تيز هَوائُن ۾ گُم

مُون کي جي تُنهنجو سَهارو هوندو
وچ درياهہ ۾ ڪنارو هوندو

لفظ ڪهڙا وري پنهنجا هُوندس
جنهن کي لهجو ئي اُڌارو هوندو

سڀُ وڃن خيالَ جڪڙيا اُن ۾
ذهنَ تي يادِ جو چارو هوندو

هر فَساني جو ٿئي دؤر تو پَر
پِيارُ هر دؤر ۾ نيارو هوندو

واتَ سان ”نهنَ“ ۽ اکين سان ”هائو“
ڪيڏو وڻندڙ هي نظارو هوندو

توبنان جيئَڻُ ڪو جيئَڻُ هوندو
بس مِڙئي دوستا! گُذارو هوندو

جنهن کي چاهي تو اُنهيءَ جو گُل کي
گهرُ ۽ شهرُ ئي پيارو هوندو.

مون سان اڪثر تو مِلي هاڻي پراون وانگي
هُو ٻه تيندو تو وجي چڻُ ته عذابن وانگي

مُنهنجي هَر ڳالهه جو ڪنڌُ هيٺ سدائين جهُڪيل
هُن جو هر عملُ عدالت جي سوالَن وانگي

ڪارنامو ئي ڪوئي آهي اوهان ڪي چاهڻُ
روزُ تهمتَ تي ملي شاهي خِطابن وانگي

شهر ماڻهن سان پريل ڪوٻه خريدار نه پر
لُڙڪ پنهنجا پي تيا سنڌي ڪتابن وانگي

مُنهنجي واتان تُنهنجو ئي ذڪر سدائين نڪتو
ذهن تي ياد رهين ڪتيل ثوابن وانگي

پاڻ ڪي پاڻ ئي سوچڻ جو ڪيوسين بيمارُ
پنهنجو جيونُ ٻه هُيو هونئن ته گُلابن وانگي

سنگ ساٿي نه ڪوئي، نه ٻيلي آ
زندگي خُدا جيان اڪيلي آ

مُنهنجي سوچُن کي ٻوڙي وئي پاڻ ۾
سُونهن تُنهنجي پرين! ڇڻُ ڦليلي آ

مُنهنجي ڪوتا ڪان مٿڙا! گهٽي مُعتبر
تُنهنجي وارن ۾ اٽڪيل چنبيلي آ

دردَ دل کي چُٽيندي رهي ٿي سَدا
تو سِوا هر گهڙِي ڇڻُ کُهليلي آ

هڪُ شاعر ۽ خوشيون، لڳي ئي نه تو
پوءِ به چاهي ٿي مونکي، گهيلي آ

چارئي پهر ڳڙکيءَ ۾ اٽڪيل اکيُون
ڏارَ ئي ڏارَ ساري حويلي آ

مان ڪنهن پيارَ جو قصو آهيان
جنُ ته بيرُوت جو حصو آهيان

مُنهنجي چوڏاري تمنائون سَوين
مان ٽيو چوڪ جو رونشو آهيان

تُنهنجي بازار ۾ نه هَلندُس مان
دوست! ڪوٽو ڪوئي سِڪو آهيان

تُون بدلجي ويو آهين پوءِ ئي
آئون توکي ڏسي بدليو آهيان

وچڙندڙ مرض جيان تيزيءَ سان
مان سندءِ ذاتِ ۾ ڦهليو آهيان

ڪو مُسافر نه صدا پينوءَ جي
ڪنهن ڊٺَل شهر جو رستو آهيان

بي حَقيقت، بي بَقا ۽ بي مُلهه!!
ڏينهن ڏٺي جو ڪوئي سپُنو آهيان

مُنهنجي اندرَ ۾ بغاوت آهي
ٽينءَ دُنيا جو مان نقشو آهيان

”نہ“ جي سُوريءَ تي چڙهيل آهيون دوستَ!
دردَ سانچي ۾ گهڙِيل آهيون دوستَ!

ڪُجهُہ تہ سمجهون ٿا زماني کي اسان
چارِ درجا ڪي پڙهيل آهيون دوستَ!

شهر تُنهنجي ۾ جاءِ ڇا ملندي؟
شهرَ پنهنجي مان ڌڪيلَ آهيون دوستَ!

ڪا نَئين ريتِ نہ وجهجو هاڻي
ڏاڍيا رِيتُن مان اڙيلَ آهيون دوستَ!

ڏارَ توڪان تي سُڃاڻپ ئي نہ رهندي
توسان اهڙا تہ جُڙيل آهيون دوستَ!

ڪيئن نہ جانِ ڇڏائُڻ تي گهُرين
ڇڻُ ڪي الزام مڙهيلَ آهيون دوستَ!

ايترو جلدُ تہ اِي دردَ نہ ڏاهِ
ڏَرو ڏرو تي گهڙيل آهيون دوستَ!

سَج لهندي جو ڪو منظرُ آهيان
مان انڌيري ڳليءَ جو ڳهرُ آهيان

ڪالهه پِي دردَ ئي هُئام اڄُ پِي
ڪنهن اُداسيءَ جو منتظر آهيان

تُنهنجي يادُن جُون پناهَ گاهُون مليون
هاڻي هَر خطري کان ٻاهر آهيان

هُن جي ورتاءَ مان لَڳِي تو چڻُ
ماڻهو ناهيان مان ڪو پٿَرُ آهيان

مُنهنجي جذبن جو چو خيالُ ڪندينءَ
ڪهڙو آخر مان معتبر آهيان

دردَ ٻارن جيان ٽا رانديون ڪَن
پڪَ - سِري گهرَ جو پَڌرُ آهيان

هر عِبادتَ آءِ مُنهنجي اندرَ ۾
مان ئي مسجد مان ئي مندر آهيان

زندگي ڪربَلا وجي ٿِيندِي
هر دُعا بددُعا وجي ٿِيندِي

پنهنجي بيحد حساس طبيعت ئي
پنهنجي لئہ چڻُ سزا وجي ٿِيندِي

جنهن تي ورتو وَفا جو قسم اُها
پاڻَ ئي بيوفا وجي ٿِيندِي

تورَي تورَي گهُري جهُڪائڻ تي
هوريان هوريان خُدا وجي ٿِيندِي

مُنهنجو اَکُه روز تو وجي گهٽبو
۽ هوءَ بي بَها وجي ٿِيندِي

هوءَ ملي پيي تہ ايئن ٿئي محسوس
چڻُ تہ مون کان جُدا وجي ٿِيندِي

زندگي توڙي جي عذابُ ڪوئي
ناهي پوءِ به سندس جَوابُ ڪوئي

دردَ اڄُ درُ کُليل آ دل جو
دوستَن سان نہ ڪر حسابُ ڪوئي

يادِ جا عڪسَ کُجھہُ ڇڏي ويو بس
پيارُ تُنهنجو بہ هيو خُوابُ ڪوئي

صفحي صفحي تي تُنهنجو نانءُ ڏسان
جي ڪٿان پڙهڻَ لاءِ ڪتابُ ڪوئي

يادُون هر وقت پٽڪنديُون تيون رهن
ذهنَ آ تي ويو سَرابُ ڪوئي

جڳَ وارؤ گهَٽا ئي گهاوَ ڏنوَ
خيرِ هڪ ڏينهن ڪبو حسابُ ڪوئي

گُل توسان بہ پيو ڪري ليڪا
ماٺهو ڏاڍو آهي خراب ڪوئي

ڪيڏا لُڙڪ لڙيا آهن
منظرَ ڏنڏلا ٿيا آهن

ڏُور وڃڻُ چاهيم توکان
راهُن پيرَ جهليا آهن

رات سڄي رستَن تي رُلبو
دروازا بند پيا آهن

اڄُ ئي تُون بدليو آهين ۽
اڄُ ئي دردَ مليا آهن

تُنهنجي ناتي سان مُونتي
هَر ڪنهن ڏوهَ مڙهيان آهن

ڊائريءَ جي سيني تي وڪريا
تُنهنجا قُول پيا آهن

سارُوٽيُون ساٿي ۽ سُک
هڪُ هڪُ ٿي وڇڙيا آهن

دُنيا کي چرڪائڻَ وارا
پاڇَن کان چرڪيا آهن!

ڳالهه چڏيو ٻي مرهمَ جي
غمُ ئي دوا پنهنجي غَمَ جي

پنهنجو ڪوئي ڏوهُ نہ آهي
يوڳيون پيا تا آدم جي

وَبا جيان ڦهلي جڳَ ۾
ڳالهه اسان جي سنگم جي

هُوءَ تصوير بہ سُونهن ٻٽي
ڪنهن ٻي جيونَ - البم جي

تُنهنجي ٻي جي ڪم نہ آئي
پوءِ حَياتي ڪنهن ڪمَ جي

ڪهڙا حالَ پُڇين تو جاني!
روز ڏهين آ مُحرمَ جي

هر پَل دل جي سوڪهڙي ڪي
آسَ رَهي ٿي آڪم جي.

هر گهڙي دردُ نيارو آهي
تُنهنجو مُرڪَڻُ ئي سَهارو آهي

تيز اُس ۾ به چانوَ جو احساسُ
تُنهنجي گهرَ جو پرين! چارو آهي

مُنهنجي من ۾ آهي طوفان متَلُ
توڙي هر ماڻِ نظارو آهي

تُنهنجي اکڙُين ۾ به نفرتَ مون لئہ
هاڻي مُشڪل ئي گُذارو آهي

پاڻَ وٽ لُڙڪ رُکو پنهنجا هِن
هر ٿهڪُ دوستَ! اُڌارو آهي

هُن ظالم کي به مُون کان ئي سِواءِ
باقي هر شخصُ پيارو آهي

هيتري جڳَ ۾ اڪيلو چپُ چپُ
گُل پرهہ جو جيئن تارو آهي

وقت ڪَيا ويرانا ماڻهو
تُنهنجا ڪي ديوانا ماڻهو

توکي ارپڻ آيا آهن
لُڙڪ ڪَٽي نذرانا ماڻهو

مان جو اڄُڪلهه هيڪل آهيان
جوڙِن ٿا افسانا ماڻهو

مُنهنجو هُو هڪڙو ئي ناهي
تُنهنجا سڀُ زمانا ماڻهو

وڇڙي ويندا جي وڇڙڻ جا
ڳولن روز بَهانا ماڻهو

ڪهڙا جڳَ سان ليکا ڪرڻا
يارَ! اسان مستانا ماڻهو

مُنهنجا لُڙڪ سوالن وانگي
تُنهنجا ٽهڪَ جوابن وانگي

جيئڻُ ۽ ڪينَ اسان کي آيو
محفل جي آدابن وانگي

ذهنَ جي بوڪ - شيلف ۾ آهن
يادُون بند ڪتابَن وانگي

توکان وڇڙي دل تي گُذريو
هر پلُ دوست! عذابن وانگي

دل جا دودا ٿيندا آهن
پيارا! ڪينَ حسابن وانگي

تُنهنجو پيارُ ۽ ٿيو اسان لاءِ
ڏينهن ڏٺي جي خُوابَن وانگي

پنهنجي قسمتَ ۾ تون يي
ناهين يارَ! ثوابن وانگي

مُنهنجون راهُون ڪندا ڪندا
تُنهنجا پيرَ گُلابن وانگي

شاعرُ جاڳيءَ تارا جاڳن
اکڙين ۾ اوجاڳا جاڳن

سُتيون پيون ساپيائون آهن
سپُنا ئي ويچارا جاڳن

هر ڪمُ سولو تي پوندو جي
دل جاڳي دل وارا جاڳن

اڄُ جو غمُ ئي ڪافي آهي
اڄُ تہ نہ ڳهاوَ پُراڻا جاڳن

مُنهنجن سوچُن سان گڏجي تا
تُنهنجي گهرَ جا رستا جاڳن

ڪُجُهہ آهي جو نڪرڻ چاهي
اندرَ ۾ تا لاوا جاڳن

ماڻهو موتَ جي ننڊَ سُتل ءِ
تاريخُن جا صُفحا جاڳن

نقشي ۾ تبديليون اينديون
ذهنن ۾ تا ويچا جاڳن

گُل ڏُکن ۾ گهيريلُ اهي
هر پاسي تي ڪندا جاڳن.

پلَ پلَ جو عذابُ چاهي ٿو
منُ ڏاڍو خرابُ چاهي ٿو

هُن جو هر هڪُ عملُ ٻُڌائي ٿو
مون کي هُو بي حسابُ چاهي ٿو

پيارَ جي موٽ۾ پيارُ ڏي تون پي
هرڪو جذبو جَوابُ چاهي ٿو

پياسَ آهي وري گهٽجڻَ
ذهنُ ڪو نئون سَرابُ چاهي ٿو

پنهنجي جيونَ ڪتابَ ۾ هرڪو
ڪوئي رنگين بابُ چاهي ٿو

مونکي لائي گُناهَ جي رستي
هُو ماڻهو ثَوابُ چاهي ٿو

ڪيرُ هٿُ تو وڏائي ڪندَن ڏي
دوستَ! هرڪو گُلاب چاهي ٿو

پرتِ جا پيچَ ڪي پاڻ گھرجن
پاڻَ تي لوڪَ ڪلائڻُ گھرجن

ڪنهن جي هڪَ مُرڪ تي وڪڻي ڇڏجي
منَ جا مولَ گھٽائڻُ گھرجن

ڪڏهن هُن ڪي ٻه وساري ڇڏجي
ڪڏهن تہ خيالَ مٽائڻُ گھرجن

سُونهن جي نانوَ تي جهُڪجي سائين!
نينهنَ سان نينهُن نڀائڻُ گھرجن

لُڙڪ اکڙين جا وڃن تا سُڪندا
ڪي نَوان دردَ پرائڻُ گهُرجن

ڪيسين راهُن جي ڏُکيائي سَهبي
چونڊي سڀُ پهڻ هَٽائڻُ گهُرجن

يا ڪرائُن ۾ چُوڙيون وجهجَن
حوصلا يا تہ وڌائڻ گهُرجن

پلُ تہ اندرين سان وڙهن ۽ وچڙن
پاڻَ ڪي ديپُ جَلائڻُ گهُرجن

تُنهنجي ڳليءَ جا ڦيرا هُوندا
ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڦيرا هُوندا

تُون جي ايندين گُهر تي ويندا
توڙي گهُور انڌيرا هُوندا

جن کي توسان نفرت هوندي
ڏاڍا مَن جا ميرا هُوندا

جيئن جيئن راتِ ڏکي تي سمجهو
ويجها پَرڪَ سَويرا هُوندا

گوليُن جو آواز فضا ۾
اُجڙيا ڪي آکيرا هُوندا

ذهنُ جي قاتو قاتِلُ هوندو
يادِ جا سوگها گهيرا هُوندا

گُل انهن جايُن تي ٽڙندا
جاتي تُنهنجا پيرا هُوندا

تُون ۽ مان هڪبئي کان هُئاسين جُدا
مُرڪندا ئي رهيا وچ جا فاصلا

هٿَ پابند ۽ چَپ، چُپ چاپِ ها
ذهنَ ۾ لفظَ سُڏڪا پريندا رهيا

وقتُ مون کان کَسي، جوبہ ڪسٽو اتس
تُنهنجي گهَرَ ڏي وڃن ياڳَ جا پيچرا

سُک سڀُ ڪُجهُ وساري سُتا ئي رهيا
ڏينهنُ جاڳيو تہ سڀُ دردَ جاڳي پَيا

هن ڏرتيءَ مَٿان ڪيتريُون رونقون
دل ۾ ويرانِيُون!! يا خُدا يا خُدا!!

ڪيڏيون مصنوعيَتُون زندگيءَ ۾ هُيون
هَڙَ مُرڪُون ڦِڪيُون، ٿهڪ پِي ڪوڪلا

موسمَن جي بدلجڻَ جي ايئن سُڌِ پَئي
ڏوڙِ اُڏندي رهي، گُلَ ڇٽندا رهيا

مون لئہ پَتر جا ماڻهو
پنهنجي ئي گهَر جا ماڻهو

تُون جي گڏجي آهين مون سان
هڪڙيءَ ٺوڪَر جا ماڻهو

ڪهڙِي اُجري ڳالهہ ڪندا
ڪارا اندرَ جا ماڻهو

لُڙَڪَ تہ گهَر جا ياتي آهن
ٽهڪَ تہ ٻاهرَ جا ماڻهو

تُون بادَل ۽ يارَ! اسان
جهڙوڪَر ٿَرَ جا ماڻهو

جذبن کان ئي خالي آهن
جهڙا ڪاڳَر جا ماڻهو

جو نہ ڀُلجي ٻہ نِهاري مُون کي
ڪيئن سمجهان تہ، تو ساري مُون کي

جيئن وٽيس، تيئن هُو ماري مُون کي
ڪيس چئو، چئو تہ وساري مُون کي

روزُ تو پاڻُ جياريان مان ۽
روزُ هو شخصُ تو ماري مُون کي

چو نہ تو يادِ اچان مان توکي
چو نہ تو لوڪُ وساري مُون کي

پاڻَ تہ گُم تي وَئين ميلي ۾
چؤنڪ هڪڙي تي بيهاري مُون کي

پنهنجي ڪمري جي ڳندَ ڪچري جيان
کو ذهنَ مان تو ٻُهار مُون کي

ڪيڏو همدردُ هُيو، مُنهنجو هُو
وَيو ڇڏي دردَ سهاري مُون کي

چو هُو طُوفان وي ٻٽجي آ
ديپَ جيان پاڻَ ئي ٻاري مونکي

شاعر جي جذبن جون ڳالهيون
سنڌوءَ جي جوين جون ڳالهيون

توکي ٻي بس ياد رهن تيون
مُنهنجي ئي ڏوهن جون ڳالهيون

اڄ جي ٺهڪن ۾ ٻُلجي ويس
ڪالهوڪن لُڙڪن جون ڳالهيون

تُون ئي هڪڙو سمجهي سگهندين
اوجاڳيل اکڙين جون ڳالهيون

اسڪولن ۾ پڙهيا آهيون
ڪُوڙن ئي سپُنن جون ڳالهيون

توسان پيارُ ڪندڙ چا چاڻي؟
سرڪاري تمغن جون ڳالهيون

روز ئي ٻُڌيون پونديون آهن
تُنهنجي گهر وارن جون ڳالهيون

ڪيئن ڪرڻُ بي قومو ڏيندو
ڌرتي ۽ قومُن جُون ڳالهيون

سنڌُ سنڌِيُن جي ڳالهه ڪَيُون، ڇڏ
عجمن ۽ عربن جُون ڳالهيون

ڪڪرئون ٽَر ڏي ٻ ويندئون دوستو!
بارشُون آخر تہ ٽيندئون دوستو!

ڇا ٽيو جي 'اڄُ' اوهان جي وسِ آ
ڪي گهڙيُون پنهنجون ٻ ايندئون دوستو!

حالتُون هٿَ ٿوڪيُون رسمُون رواج
ڇا سَيو ڪُجهہ ئي ڪسيندئون دوستو!

جي ڪُڇڻَ تي بندشُون پئجي ويون
خامشيون نغما رچيندئون دوستو!

هيڪلائُون ماءُ جيان ٿيون پيار ڪَن
رونقون آهن ڏنگيندئون دوستو!

محبتُون هڪ هڪ ڪري ويندئون رهيون
مُون ڪي راهُن ۾ ڇڏيندئون دوستو!

صرفُ ديوارون ٻُڌي سگهندئون ئي هن
ڪينَ ڪُجهہ آهن سَليندئون دوستو!

ڏاڍا ياڳن وارا دوست!
تُنھنجي پاڙي وارا دوست!

دل کي وَيا وکوڙي آھن
اڀاتَل مُونجھارا دوست!

ڏُک ڏئي ويندا رھندا ھِن
کير کندو وڻجارا دوست!

ڏاڍو کَڙو ويو تي جيوَنُ
تي پَئو امرت ڌارا دوست!

مُرکُون، ٽھکَ، ڪچھريون، سنگت
کُوڙا سڀُ سھارا دوست!

تو کان وسري ويندُس مان ءِ
مُنھنجي گھرَ جا چارا دوست!

آءٌ تہ اُجڙيس، اُجڙيا ناھن
اکڙيُن جا اوتارا دوست!

Website: www.sascitysukkur.com E-Mail: abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اجنبين وانگي ملياسي، تون مان
نہ رُناسي نہ کلياسي تُون، مان

ساپيا جو نہ ڪوئي رُوپُ مليو
سپُنا، سپُنا ئي رهياسي تُون، مان

جيئن افسانو ڪو عنوانَ بنان
تيئن اي دوست! ٿياسي تُون، مان

لُڙڪ تہ ڪوڙَ وهيا، وهندا رهيا
صرف مرڪي نہ سگهياسي تُون، مان

ڪيئن هڪبئي کي سَهارو ڏيون ها
هڪَ ئي وقت ڪرياسي تُون، مان

جڳَ جي اڪ ۾ سدائين چڙُ تہ
ڪَڪ وانگي ها پياسي تُون، مان

لُڙڪ هاڻ گيتَ هاڻ گُلابَ هُئا
صرف پاڳل اکڙين جا خُوابَ هُئا

اسان ۾ دوست! برابر گهٽيُون بُرايون هن
ڪِتي چئون ٿا اسان تي لٿا ڪتابَ هُئا

مان تُنهنجي شهر جي جنت مان ٽڙجي ويُس
گهَٽا ئي ڪاتي ۾ توڙي سندم ثوابَ هُئا

اکيون، رويو، چهرو ۽ لهجو بدليل
عجيب طرح سان ورتا ويا حِسابَ هُئا

عمر گُذاري ڇڏي سي جَواب ڳولڻ ۾
مليا جي ماڻهو سمورائي لاجوابَ هُئا

هر امتحان ۾ ناپاس ئي رهيُس تيندو
بدلجي سارا حياتيءَ جا ويا نصابَ هُئا

اسان ڪي دوست ئي نہ سمجهي سگهيا هونئن تہ
نہ ڪي رِڳون ئي هُيون ۽ نہ ڪي ربابَ هُئا.

# سلامتيءَ جي علامت نظم

رسول ميمڻ

اياز گُل، غزل جو شاعر آهي، نئين ٽهيءَ ۾ اياز گُل تمام سٺو غزل لکيو آهي. حقيقت اها آهي ته هو اڳتي هلي، غزل جي حوالي سان سُڃاتو ويندو. اياز گُل جي شاعريءَ ۾ ڪُجهُ سالن ۾ جيڪا نَوانڻ آئي آهي، اها حيرت انگيز آهي. اياز گُل جي اوائلي شاعري پڙهي اهو احساسُ ٿي نه ٿيندو هو ته ڪو هو اڳتي هلي، ايترو قداور ثابت ٿيندو، اڄُ هو نئين ٽهيءَ جو نمائندو شاعر آهي.

هن جي غزل جيان، نظمن ۾ به شڪايت جو عنصر نمايان آهي، اهو لازمي نه آهي ته هڪ ئي شاعر، هڪ ئي وقت شاعريءَ جي سيني صنفن تي هڪ جهڙي مهارت رکندو هُجي. سوچ جو وهڪرو، جيڪو هڪ سوچ جي اظهار ڪنڌڙ جي لاءِ آسان آهي ته اهو ٻئي لاءِ ڏکيو. فطري طرح جيڪو وهڪرو، ڪنهن به مفڪر کي پاڻ ۾ سمائڻ جي قوت رکندو آهي، ته مفڪر به پاڻ ان مان ڀرپور نموني نروار ٿي، ان ئي ڌارا يا صنف ۾ رنگجي پاڻَ نئون رُوپ ڏئي، هڪ نئين انفراديت ۾ نوانڻ ماڻيندو آهي. اياز گُل پيار جو شاعر آهي. هن جي نظم جو محبوب سلامتيءَ جي علامت آهي.

ـــ هن ترين جي
هڪ گاڏي ۾
ٻين گهڻن ڏارين سان گڏ
هڪ مُرڪندڙ محبوب چهرو به آهي،
هن ترين کي پنهنجيءَ
امان ۾ رکجانءِ
سڀ سُک هن جي راهه ۾ رکجانءِ
يا خُدا! يا خُدا! يا خُدا!!

# نظم

# اُداس پَل جو هڪ واعدو

مان پنهنجو پاڻَ سان
اهڙو ڪيان ٿو واعدو اڄُ
ته تُنهنجي نينهن جي ناتي نه
آئيندي جيئبو

نه مُرڪبو ئي وَري هاڻي تُنهنجو نانءُ وٺي
نه تُنهنجي راهگُذارن تان گُذربو هاڻي
جي گُذربو به ته ڪنڌُ هيٺ ۽
جهُڪيل اکيون

نه تُنهنجو خيالُ نه جذبن جي ڪائي
ڪتڪائي
نه جاڳ ۽ نه وري ڪا اکيُن ۾ لالائي
جي ذڪر آيو ڪتي تُنهنجو ڪنهن به
محفل ۾
ته اهڙو ڏيکُ ڏبو، جڻُ نه ڪا شُناسائي،

اڪيلو ڪمري ۾ ويهي ۽ توکي يادِ ڪري
ڪو غزل لکبو ۽ نه ڪو شعر
تُنهنجي نانءُ ڪبو.
جي دل گهُري ڪنهن پُڇيو دوست
تُنهنجي باري ۾

تہ ٿهڪ ڏيئي وڏو، چئبو،
”ڪوڙ هيو سڀُڪجهُ
مڙئي دل پئي وندرائي سي
يہ ٿي ڏينهڙا
اسان ۽ پيارُ!! ڪو ڪوڙو
لڳي تو دوست پلا؟!!“
نہ تُنهنجو ساٿُ، نہ آٿتُ، نہ هانوَ تي چندو
تہ پوءِ روز ڏکن جا صليبَ چو کڻجن؟
چو روز مرجي ۽ چو روز رولجن موتي،
جي جيتَ ناهي اسان جي، تہ ماتِ چاجي لاءِ؟
ڊگهو سفرُ ۽ اداسيءَ جي راتِ چاجي لاءِ؟

ادا اڪيلو رهان
سو چڱو آهي اڳنا
مان پنهنجو پاڻَ سان اهڙو ڪيان تو
وعدو اڄُ
تہ هاڻي ڪنهن سان ييِ پُلجي ڪڏهن
نہ پيارُ ڪبو.

# تُنهجي جنم ڏينهن تي

ڏُور
نينَ - نهارن ڪان بہ ڏُور
روشنين جي شهر وچ ۾ ڪٿي
ڪنهن جڳمڳ جڳمڳ گهرَ ۾
ٺيڪ هن وقت سنجها جي ويلي
هڙئي رنگ گُلابن جا
سجائي مُک تي
پنهنجن پيارَن جي نِنڍڙي ميڙ ۾ تُون
ڏيئَ ۾ نيل - ڪنول وانگي ڀاسندي هوندينءَ

۽ جڏهن سارِيُون وسائي شمعون
برٿ ڊي ڪيڪُ ڪٽيو هوندو تڏهن
جاڳي پَيا هوندا چؤطرف ان پل
”هيپي برٿ ڊي ٽو يو“ جا آواز

ٺيڪ ان وقت سنجها ويلي مان
( مان جو توساڻ حياتي گُذارڻ چاهيان
پر جنم - ڏينهن بہ تُنهنجو توسان
ڪينَ آهيان جو گُذاري سگهيو)
مان اُهو ساڳيو مان

پنهنجي ڪمري جي قبر ۾ پوريل
تُنهنجي يادُن جي سحر ۾ جڪڙيل
شهر تُنهنجي ڏي مُنهن ڪري ٿو چوان:
”هيپي برٿ ڊي ٽو يو او فرينڊ!
هيپي برٿ ڊي ٽو يو او فرينڊ!! “

# اداڪار

تُون سدا مون کي اداڪار سڏيندي آهين
”ڊائلاگن“ جو ڏئي نانءُ ۽ مُنهنجا جذبا
روزُ ماريندي جِياريندي آهين.

مُون نہ توکان جي ڪوئي زخمُ لڪايو آهي
جيڪي ڪُجهُ پي آهي پوڳيو سو
پُڌايو آهي
مُون نہ ڪو ڪُوڙ ڪَيو آهي ڪڏهن بہ توسان
جيڪي اندرَ ۾ هُجي. چهري تي سو ظاهر ڪيو آ
دردَ دل ۾ ئي دَٻائي دل جا
ڪينَ ڪو ٺهڪ لڳايو آ، جي
اُن جو مقصد ڪو ائين ناهي تہ مان
توکان همدرديُون حاصل تو ڪرڻ چاهيان ڪي،
۽ مُنهنجو پيارُ فلرٽ آهي، اداڪاري آ

ائين ناهي ائين ناهي سائنڻ!
هڪ شاعرَ وٽ لفظن کانسواءِ چا تو ٿئي؟
عام ماڻهو بہ تہ لفظَن جو سَهارو ٿا وٺن
مُون جي ورتو آهي تہ ڪهڙو گُناهہ ڪَيو آهي؟

تُون مگر تِن کي سڏي ڊائلاگَ
مُنهنجي جذبن ۽ مُنهنجي پيارَ جي
توهين نہ ڪر-

تُون جي پنهنجي مَتان هڪُ خولُ چڙهيو چاڙهي آ
اُن جو مقصد ڪو ائين ناهي تہ
هر سچو پيارُ ”اداڪاري“ ۾
هر سچو پيارُ ڪرڻ وارو ”اداڪار“ تو ٿئي!..

# ڪُوڙُ

باليُپڻ کان تا
اهو ٻُڌندا اچُون
ڪوئي جي يادِ ڪري تو تہ
ٺئي ٺي هڏڪي ـــ

پر اهو ڪُوڙُ صفا ڪُوڙ
لڳي ٿو هاڻي.
ائين هُجي ها تہ پوءِ
تُنهنجي هِڏڪي
بند ٿي ڪينَ ٿئي ها
سانئڻ!

# ڳهرو ڪمُ

مُون ڪي هيٺين سان اچو، جوڙ، وندَ، ڪَٽ، ضَرب ڪيو:

مان + نفرتُون سنسار جُون = .................. !
مان ÷ اَذيتُون ويچار جُون = .................. !!
مان – مُحبتُون واپار جُون = .................. ؟
مان x بي وَفائُون يارَ جُون = .................. ؟؟

سراسري پاڇي بچي:

= ڳالهيُون سِڪَ ۽ پيارَ جُون.

## لاڳاپو

روز ڪلاس ۾
قومُن جي لاڳاپَن ڪي
پڙهندا آهيون
مان ۽ مُنهنجا هم ڪِلاسي
قومُون ڪيئن تيون جُڙن، ٽوڙن
پنهنجي وچ لاڳاپا!
ساري جڳ جي ڳانداپي جي
ڄاڻَ اسانکي

حيرت آ، پر
مُنهنجي پر ۾ ويدل مُنهنجي
هم ڪلاسڻ
مُنهنجو نانءُ به ڪينَ تي ڄاڻي
لاڳاپو ته پَري رهيو!!

DIARY

وحشتُن ۾
ڏُکن ۾
ڪاوڙ ۾

توکي چاهيو هُيم، چوڻ جيڪي
۽ چَئي جو سگهيُس نہ
چاهيندي
اِهو سڀُ ڪُجهُہ ذَرو ذَرو ئي هُن
تُنهنجي بدران
پُڌوءِ سٽو آهي.

# نيم پليٽ

دوستَ هڪُ ڇڏي سارا ئي ڇَڏي ويا آهن
دل جُون ڳالهيُون ويُون دل ۾ ئي گهُٽجي
مُنهنجا جذبا، قبرستان جي قبرُن تي رکيل
تيل ـ ڏيئَن جيان اُجهامي ويا آهن.

ڪيترو آهيان ڊنل، ڪيترو اُجڙيل تو لڳان
ڏينهنَ تيا دَرَ تي ڪو ڪڙڪو به نہ آ،
(ائين محسُوس تو ٿي، دَرَ ۾ ڪَڙو ئي ناهي)

ڪوڪِلا ٿهڪَ ڏئي ڏينهنُ سڄو گهاريو ٿَم
هاڻي پويون آ، پهَرُ راتِ جو ۽ مان آهيان
مُنهن وِهاڻي ۾ وِجهي سُڏڪي رهيو آهيان ۽
ٻاهر دَرَ تي، هوءَ ڪِلي پئي مُون تي،

نانءَ مُنهنجي جي ئي نيم ـ پليٽ!

## ڊيٽ ايڪسپائيرڊ لو

مُنهنجي جيونَ مان سچو رَسُ ڪڍي، چَسُ ڪڍي
ٻُڪ جي سيرَ مان، پاڻيءَ جيان وئي هُئينءَ نڪري.

پيارَ تُنهنجي جي مونکي، ڪيڏي ضرورت هُئي تڏهن
ڪوبہ احساسُ، ڪوئي قِياسُ نہ ٿيو هو توکي
تو بعد ڪيڏو ويو هُئِس وِکري
ڪيڏي غمناڪ ۽ گُمنامُ حياتي گھاريم
ڪيڏا زخم مليا، ڪيڏو نہ بدنام ٿيس!

هاڻي هر زخمُ، هر هڪُ غمُ ڀلائي جڏهن
زندگي پيارَ سِوا گھارڻ جو
ڍنگُ آهيان مان سِکيو، تون تڏهن
پنهنجي ماضيءَ جي مُحبتَ جا حوالا ڳولي
مُنهنجي جيون ۾ موٽڻُ ٿي گھُرين.

پر سائڻ!
پنهنجي هيءُ پيارُ ڪٿي واپس وَ جُ
ڪابہ همدردي، ڪوئي پيارُ نہ گھُرجي مونکي
هاڻي ڪوئي جي مليو پيارُ مَري ويندُس، ۽
ڪنهن طرح آءٌ مَري وڃڻُ لئہ،
راضي ناهيان!

# سوچيندو آهيان

ڪڏهن ڪَڏهن سوچيندو آهيان:
مان اهڙو بي ڏوهي جنهن تي
ڏوهي ڪوٺي
ڏوهہ مَڙهيا ويا آهن ڪيئي

رشتا ناتا جهڙا پاڇا
راتِ ٽيڻ تي ساٿُ ڇڏي ويا
نيٺ سَيئي!

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:
تُنهنجي مُنهنجي گهَر جي وچ ۾
آهي هڪڙي
دُشمَن مُلڪن جي وچ واري
حَد ـ لَڪير
جنهن کي تو، مان نانءُ ڏنو آهي
”تقدير“

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:
ڳالهيون سڀُ اجايون ڳالهيون
سپُنا سڀُ اجايا سپُنا
تُنهنجو پيارُ اجايو سپُنو
قول قرار اجايو سپُنو

جو ڪُجهہ پي مُون سوچيو هو سو
سڀُ ونوارُ اَجايو سپُنو

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان:
ٺ پو چُپ ٿي ويندو آهيان!

# سوالَ جي ديوارَ

ڪُجهُ ڪَجي، ڪُجهُ نہ ڪَجي
جي وچ ۾

جسم سارو ڦِياس تي ٽنگيل
هر گهَڙِيءَ جي هَٿن ۾ آ پٿرُ
راهَ آهي جو ڪا سُجهي ئي نہ ٿي
اَجنَبي شهرَ ۾ مُسافر جِئُن
هَر طرف آ سَوال جي ديوارَ:
سُور سَهجن تہ ڪنهن جي خاطر چو؟
گيتَ سَرجن تہ ڪنهن جي خاطر چو؟

چا ڪَجي، چا نہ ڪَجي جي وچ ۾
راتِ ناهي تڏهن بہ راتِ لڳي
جيتَ توڙي تڏهن بہ ماتِ لڳي
جِئُن اُداسيءَ جي آهي ڪا موسم
زندگي ڪربلا، سدا ماتم
مُنهن تي هيڊَ جا گهُمايل هَٿَ
هَٿَ - لڪيرُون اَياڳَ ۾ وهنتَل
دردَ آهن جو هر طرف ڦهليل

چو ڪَجي، چو نہ ڪجي جي وچ ۾
هڪڙو چِهرو اچا جو آ پِيارو
راتِ ڪاريءَ ۾ ذهن جي اُڀ تي
پرهہ جو چڙُ تہ هيڪلو تارو
خيالُ جاڳائي ٿو جيئڻَ جي لاءِ
۽ وري نَئون زَهر پيئڻَ جي لاءِ.

# VOLCANO

هاڻي مُنهنجو خيرُ نہ آهي!

شهرَ جي هڪڙي پريلَ چؤنڪ تي
هُن، مُنهنجي نِرڳُهٽ تي ننهُن ڏيئي
حڪم ڪيو هو.........
”ڏينهن ڏٺي ڪي رات چونڻَ جو،
ڪاريءَ راتِ ڪي ڏينهنُ مڃڻَ جو“
مون چاهيو پئي:
’ها‘ ڪيان جو، (نِرڳُهٽَ مُنهنجي تي ننهُن هو)
پَر واتان هي نڪري وَيو آ
”ائين تہ ناهي ائين تہ ناهي!“
هاڻي مُنهنجو خيرُ نہ آهي!

پَر ائين ناهي، پَر ائين ناهي
هاڻي هُن جو خيرُ نہ آهي!
چو تہ اسان جي چئني پاسي
ميڙُ ڪَري بيٺل ماڻُهن مان
هر ڪو ماڻهو سمجهي وَيو آ،
ڪُوڙو ڪيرُ ۽ ڏوڪو ڇاهي
’هُو ماڻهو‘ ڇاڇا تو چاهي
هر ڪو ماڻهو سمجهي ويو آ
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي اڪِ ٽاندو

تينءَ لڳي آ

ٻانهنَ ٻانهنَ ۾ چُرپُر آهي!
هاڻي هُن جو خيرُ نہ آهي!
هاڻي هُن جو خيرُ نہ آهي!!

# لوڪُ ڪَهاڻي

ڏينهنَ ٿيا جو
سُونهن نگر جي شهزاديءَ
”آزاديءَ“ کي
ڪوهہَ قافَ جي وَحشي، ڪاري، ڪاٽي ديوَ
کڻي وڃي آ، قيد ڪيو

سُونهن نگر جو راجا راڄُ
ڏاڍو آ حيرانُ پريشان
هُت شهزاديءَ ’آزاديءَ‘ جو ئي
جڻُ تہ رهي ٿو مُٺِ ۾ ساهُ
روز جيئي ٿي روز مَري ٿي
جنهن جي ڪِلڻَ سان گُل ٽِڙيا ٿي
ڳوڙها ئي تنهن جا مهمانَ

سُونهن نگرَ جا هَڙَ شهزادا، جُنگَ جَوان
ڪاٽي ديوَ جي قيدَ منجهاران
ڪيسِ ڇڏائڻ جيئن ويا هِن، وريا ناهن
راهُن ۾ ئي ڪاٽي ديوَ جي جادوءَ هيٺ
هُو هَڙَئي هتيارَن سُوڏا
پٿر - پَهڻ ٿي سڀُ ويا هِن

تنهن کي ڪيئي سالَ ٿيا هِن
ڪاٺي ديوَ جي قيدي، شهزاديءَ ’آزاديءَ‘ جي
نيڻَن ۾ هيءَ آس اجا پي
ٽِمِ ٽِمِ ٽِمِ ڏيئي وانگرُ جَلي پَئي
”ڪوئي تہ ايندو، ڪوئي تہ ايندو،
جيڪو جادوءَ کي ٽوڙيندو،
جيڪو جادوءَ کي ٽوڙيندو!!“

# وعدي خلافي

هڪڙو وعدو جو ڪَيو
تُون ۽ مان

روزُ هَر راتِ سُمهڻَ کان اڳ ۾
هڪبئي جي ڪري
گهَر ڏي مُنهن
دوست!
چونداسين ”خُدا حافظ“، سو
تُون بہ هر راتِ ائين ڪَيو هوندو
مون بہ هر رات ائين ڪَيو آهي

معافُ مونکي ڪجانءِ دوست! مگر
رات وعدي خِلافي ٿي وَئي
روئندي راتِ ئي لنگهي وَئي.

## سائينمِ سَدائين ڪرين.......

هِن ترين جي
هِڪ گاڏي ۾
پين گهٽن ڏارين سان گڏ
هڪڙو محبوبُ مُرڪندڙ چهرو
پي آهي

هِن ترين کي پنهنجيءَ
پَناهَ ۾ رکجانءِ
سڀُ سُکَ هِن جي راهَ ۾ رکجانءِ

يا خُدا!!
يا خُدا!!!!

## مصلحت خُداوندي

چوندا آهن
’ديوارن کي ڪَنَ ٿين ٿا
پر اهو بہ چَٽو ٿيو جو
ديوارَن کي ناهي زِبانَ‘

نہ تہ، تہ جيڪر ڪيئي رازَ اُگهاڙا ٿين ها
ڪي ئي قصاءِ اونداهيُن جو سينو چيري
عام ٿين ها.
خولَ شرافَتَ جا  چهرن تان
لَهي وڃن ها
۽ هيٺان جي ظاهر ٿين ها
چهراءِ ڪيڏا ڇهڪَ ڏين ها؟

ڪيئي سونا لڳندڙ ماڻهو
رولڊِ گولڊ جا ثابت ٿين ها
سپُنا پنهنجي ساييائُن تي
روئي ڏين ها.

ويساهَن جي وڪڙ تي سڀُ
سُندَر سوچُون وِھُ پيئن ها
(جاڙَ جيئن ها جي جيئن ها)

چڱو ٿيو جو
ديوارُن کي ناهي زِبانَ.

# هٿَ نوڪي نفرت

دوستَ!
يَلي جي مُون سان تُون
پيارُ نہ ڪَر نفرتَ ڪر
(جيئن گورن جي ڪارن سان ۔
غلط سلط هٿَ توڪي نفرتَ)

مان چاٽان تو پيارُ سندم جو
بُکَ وگهي رُئندڙ ڪنهن ننيڙي
معصوم ’نيگرُو‘ ٻالڪَ جي
اوندهِ جهڙي ڳَل تان ڳڙندڙ
گرمہ ڪساري ڳوڙهي جيان
(جهولَ نہ ڪائي جهَلبي جنهن لئہ ۔
مٽيءَ ۾ جنهن کي ملڻو آ)

ڪوئي ويليو (VALUE) ڪونهي
مان چاٽان توہ
پيارُ سندم جو.

# ناشُڪري

پرين!

مُنهنجي ننيڙي گهَر ۾
خُدا جو ڏنو
سڀُ ڪُجهُ آهي
سِواءِ تُنهنجي!

# سَچُ

دل چاهي ته
ڪنهن به ويلي
ڏسي سَگهان تو
تُنهنجي مُک تي
سچَ لهڻ جو ڏيکُ.

بس هڪڙو پيرو
حرڪت واري مُرڪ
چپَن تي آئي
تو ڪيءِ
پيٽي پَوندي
اکِ.

Website: www.sascitysukkur.com E-Mail: abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## اجا اسان جو دؤر آ

اجا اَسان جو دؤرُ آ
اجا اَسان جو دؤرُ آ
او ڪُوڙَ جا پَيمبرؤ!
پَري رهو، پَري رَهو

اجا ٿو پيارَ جو شهرُ وَسي پَيو
اُنهيءَ تي مينهنُ نينهَن جو وَسي پَيو

اجان ٿي سينڌ سُونهن جي سنوارجي
اجا ٿي ڪنهن جي واٽَ پَئي نهارجي
جُدا ٿي روئي راتِ پَئي گُذارجي
اجا ملڻَ جي آس دل ۾ ڏارجي
اجا نہ پنهنجو پيارُ ٿو وِسارجي
ڏَڪي اکُين ۾ ساهَ ۾ ٿو سارجي
غَمن ۾ هانءُ ڪينَ پيو ٿو هارجي
پَڪي پَيو ٿو پيارَ جو اُڏارجو
اجا ڪيلُ قولُ پَيو ٿو پاڙجي
اجا پِي ساهُ ديسَ تان ٿو وارجي
اجا ٿي ناوَ سِيرَ مان اُڪارجي
اجا سُتل سوچ ٿي اُٿارجي
اجا بہ مَڇُ ڏاتِ جو ٿو ٻارجي
۽ راتِ مان ڪو سجُ ٿو اُڀارجي

Website: www.sascitysukkur.com E-Mail: abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اجا اَسان جو ڏؤرُ آ
اجا اَسان جو ڏؤرُ آ

اجا تہ لاٽَ سچَ جي جَلي پَئي
۽ يُڳڪ سُورَ يُڳڪ سان سَلي پَئي
اجا نہ دل کان دل ۾ ڪا دل پَلي پَئي
نہ رازُ اڪِ ۾ اکِ کان اَلي پَئي
اجا بہ سِڪَ راهہَ تي جهلي پئي
اجا بہ جنگِ ڪريَ سان هَلي پَئي

سو ۾ ڪُوڙَ جا پيمبرؤ!
پَري رَهو پَري رَهو
اجا اَسان جو ڏؤرُ آ
اجا اَسان جو ڏؤرُ آ

# گل جا گيتَ

نصير مرزا

گُل، گھڻو ڪري شاعريءَ جي سيني صنفُن ۾، سيني فارمن ۾، لفظن جي ايڪسرسائيز ڪئي آھي، پر سندس غزل، ڪيس جيڪا آئيڊنٽٽي ڏني آھي، ان ڪان پِلا ڪيرُ اَڳاھُ ڪونھي، پر گُل جي ڪريڊٽ ۾ ڪي بيون به ته صنفُون آھن. بلڪل آھن! مثال طور، گيت.... اڇا! ٿيندو ھينئَن آھي جو، غزل اھو شاعر سُنو لکندو آھي، جنھن کي عشق جو ڪمپليٽ نه، ته به ڪُجھُ تجربو ھوندو آھي، ۽ گيت لکڻ لاءِ وري "وڇوڙي" جو تجربو ھُجڻُ ضروري آھي. ھن سَمي، ھيءَ جو گُل جا غزل پاسيرا رکي، سندس ھي منڙا گيت ويٺو پڙھان ٿو ته، حيران پيو ٿيان. اڇا! ته گُل اندرَ جي اُنھن پنھي موسمُن جا ساءَ چکي چُڪو آھي. گُڊ!

گيتَ کي ھر بوليءَ جي سُريلي صنفَ سمجھيو ويندو آھي. گيتَ کي نازُڪ احساسَن ۽ مَن کي چُھندڙ جذبن جي پريم وارتا به چيو ويندو آھي، ۽ اڪثر گيتَ جي اظھار کي وڌيڪَ رسيلو ۽ ميٺاجَ پريو بنائڻ جي لاءِ ھندي لفظن سان منجھنس رَچاءُ به پيدا ڪيو ويندو آھي. گُل وٽِ ان ڏَس ۾ وَري ھڪَ نئَين وِکَ پَئي نظر اچيم. اھا ھيءَ ته ھِن ھندي لفظن ڪان ھيلپ وٺڻَ بجاءِ، پنھنجي گيتَن لاءِ سمُورو ميٺاجُ، سموري رنگيني، سنڌي بوليءَ مان حاصل ڪئي آھي. گُڊ!

گيتَ سان لاڳاپيل هڪُ ٻيو لفظُ به اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي: ”سنگيت“. گُل جا هي گيت جڏهن اجا سندس ڊائريءَ ۾ لکيل هُئا، تڏهن يا پوءِ انهن مان ڪُجهُ رڪارڊ ٿيا، سازَن جي سنگم سان سلهاڙجي ڪَنن تائين پهتا ته مون کي سچُ ويتر خوبصورت لڳا. گُل پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍو سُلڇڻو، ڪفايت شعار ۽ چندي ڦوڪي وِڪون ڪڍڻ وارو شخص آهي. سندس انهن سياويڪ گُڻن، ڪيس شاعريءَ ۾ به ائين ڪرڻ لاءِ گائيڊ ڪيو آهي، هن ايترا ته فوڪسڊ افريمڊ گيتَ لکيا آهن جو، منجهن ڪو هڪُ لفظُ به پَراوَ جو محسوس نه ٿو ٿئي. جهڙو لين اسڪيپ، اهڙا رنگَ، جيتري پيڙا اوترو پڙلاءُ. بيانُ اسٽارٽ ٿيو ۽ اجهو پنهنجو امپيڪٽ ڇڏي ختم به ٿي وَيو، يعني پياسي پونءَ تي بادل برسيا ۽ اجهو آسمان صافُ ٿي وَيو ۽ چوڏاري سُرهاڻ پکڙجي وَئي.

# گيت

پيارَ کي تورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

تورو ٻه ويساهہُ نہ مونتي
جذبا جهورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

مون سان جو اورڻ گهربو هو
جَڳَ سان اورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

ڳڏجي ڏُونگر ڏوريُون ها
چو هيکل ڏورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

لوڪَ هَٿن ۾ پٿر ٿَئي، تُون
چَپ تہ چورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

پيارَ کي تورين تي ڳهيلي!
پيارَ کي تورين ٽِي!!

توبن كھڙا چانورا
او سانورا, او بانورا!

مُنهنجي چانوَ چَپر تُون آهين
مان درياهہُ كَپرُ تُون آهين
او سانورا, او بانورا!
توبن كھڙا چانورا!

سيني ۾ دل ڌڙكي جيسين
تُون مُنهنجو مان تُنهنجي تيسين
او سانورا, او بانورا!
توبن كھڙا چانورا!

مان تُنهنجي چرڻن جي داسي
او مُنهنجي مَن جا رهواسي!
او سانورا, او بانورا!
توبن كھڙا چانورا!

ڏور گُذارڻ اوكو آهي
دل كي ڏيڻو دوكو آهي
او سانورا, او بانورا!
توبن كھڙا چانورا!

دل ڪَيئي بيوس، مينَهڙا!
وسُ وسُ مينَهڙا!، وَسُ

جوتِ جيان جَرڪي پَيو جيونُ
تَن تان لاٿَئي ڪَسُ، مينهَڙا!
وسُ وسُ مينَهڙا!، وَسُ

تُنهنجي رِمجهِم منجهه پرينءَ جي،
ڳالهِيُن جو آ چَسُ، مينهَڙا!
وسُ وسُ مينَهڙا!، وَسُ

تُون تہ سَچو جَڳُ جهاڳي آئين،
ساجَن جو ڏي ڏَسُ، مينهَڙا!
وسُ وسُ مينَهڙا!، وَسُ

پرينءَ بنان هي ساوَڻُ گُذريو،
ڪيڏو ڙي بي رَسُ، مينهَڙا!
وسُ وسُ مينَهڙا!، وَسُ

ڏِسي ڪائي موسَم نہ ڪوئي پَهرُ
مُحبت بہ مٺڙا! ڪَري ٿي قَهر

نگاهُن ۾ مؤجُن جي مستي ٿي آٽي
نئين ڪائي هستيءَ ۾ هستي ٿي آٽي
دِلڙي بَٽائي چَڏي ٿي بَحر
مُحبت بہ مٺڙا! ڪَري ٿي قَهر

جڏهن ڪنهن سان جذبن جا ناتا ٿي جوڙي
تڏهن سوچَ جي ساري ڏارا ٿي موڙي
اُنهيءَ بن حياتي ٿِئي ٿي زهرُ
مُحبت بہ مٺڙا! ڪَري ٿي قَهر
خيالن ۾ خوشبوءِ پَري ٿي چڏي
۽ رنگين جيونُ ڪري ٿي چڏي
اکِيُن ۾ ٿي سپُنن جو جوڙي شهرُ
مُحبت بہ مٺڙا! ڪَري ٿي قَهر

ڏِسي ڪائي موسَم نہ ڪوئي پَهرُ
مُحبت بہ مٺڙا! ڪَري ٿي قَهر

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

سچَ جي واٽَ تان، مُور هٽڻو نہ آ،
ڏُکَ پائي نہ سوچُن کي مٽڻو نہ آ،
پيارَ جي پارَ ڏي ناوَ هَلندي رَهي

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

زندَگي روئي روئي تہ ڪلندي ضَرُور
نيٺ منزل تہ هڪ ڏينهنُ ملندي ضَرُور
آسَ دل ۾ اها پَئي پَلندي رَهي

جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي
جوتِ جلندي رهي

مُنهنجا گيتَ مٽيئي منٽرا!
آهن تُنهنجي ڪاڻ،

شال حياتي ماڻ!

ڪِلَ تي تُنهنجي خوشبوءِ هاري
پرهَ ڦُٽي تي ياد ڏياري
تُنهنجي گلڙن جي ڳاڙهاڻ

شال حياتي ماڻ!

مَن ۾ ڪيئي ٿهڪَ ٽڙن ٿا،
منٽرا منٽرا خيال مِڙن ٿا،
پيرو پَرين جي مُنهنجي ياڻ:

شالَ حياتي ماڻِ!

توليءَ مُنھنجي دلڙي ماندي
تُنھنجي جُدائي پَن - ڇڻُ آندي،
آءُ ڪا رُت بَسنتي آڻِ!
شالَ حياتي ماڻ!

مُنھنجا گيتَ مڙيئي منڙا!
آھن تُنھنجي ڪاڻ،
شال حياتي ماڻ!

# وَرُوائيءَ جوجي لَهين

ادل سومرو

شاعرُ هئڻ/ٿيڻ جي لاءِ ضروري نہ آهي تہ شاعريءَ جي سڀني صنفُن تي طبع آزمائي ڪجي. دل جا جذبا ۽ اُڌما، جنهن صنف ۾ وڌيڪ اثرائتا پيش ڪري سگهجن تہ اُن صنفَ جي اوزار وسيلي، خيالن جي ڪوتائي ڪرڻ مناسب ٿيندو.

نئين ٽهيءَ جي شاعرن جِتي جديد صنفُن سان دل لڳائي آهي، اُتي هنن پنهنجي ڪلاسيڪل صنفُن کي بہ ڪونہ وساريو آهي، اهڙن شاعرن ۾ اسان جي اياز گُل جو بہ شُمار ٿئي ٿو. اياز گُل نئين ٽهيءَ جو نهايت ڏاهو ۽ پلوڙ شاعر آهي، جنهن تمام مُختصر عرصي اندر، ادبي دنيا ۾ پنهنجي مڃتا ڪرائي ورتي آهي. هن نہ فقط ٽيڙوِ، ترائيل ۽ آزاد نظم لکيا آهن، پر ان سان گڏوگڏ خوبصورت بيت ۽ اثرائتيون وايُون پڻ رچيُون آهن. هونئن تہ هِن جوگهڻو لڳاءُ غزل سان رهندو پئي آيو آهي. پر غزل کانپوءِ جنهن صنف ۾ گُل وڌيڪ پُختو نظر اچي ٿو، سا آهي ”وائي“. سندس وايُن ۾ استعمال ٿيل ٻولي غزل جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پُختي، اثرائتي ۽ موسيقيءَ سان ڀرپُور لڳي ٿي.

# وايون

آءٌ امر انسانُ،
ماري موتَ نہ سَگهندين!

اونداهي ڪمري جو مان، آهيان روشن دان؛
ماري موتَ نہ سَگهندين!

گل مُرجهايا پوءِ بہ، چمڪي تو گُلدان؛
ماري موتَ نہ سَگهندين!

ڏُڪُ اسان جي ڏيهہَ ۾، ڏينهن بہَ تي مهمان؛
ماري موتَ نہ سَگهندين!

ڪندَر چهري جي پُٺيان، پَسجي پَيو طُوفانُ؛
ماري موتَ نہ سَگهندين!

سانوَڻ رُت ۾ سارَ
آئي تُنهنجي يارَ!
ڦُٽيا گونچَ غَمن جا.

تُنهنجو هر پلُ ٿهڪڙا، مُنهنجو لُڙڪن لاڙَ
ڦُٽيا گونچَ غَمن جا.

چَپن وانگرُ چِت تي، چانيل آ ماٺار
ڦُٽيا گونچَ غَمن جا.

ايڏا سُور سَهون ڪيئن؟ ناهيون ڪي اوتار
ڦُٽيا گونچَ غَمن جا.

گهڙيُون گڏجي گهارجن، هيلَ تہ ڪر هاڪار
ڦُٽيا گونچَ غَمن جا.

توکان ٿيندي ڏارَ
ڪلندي ڪلندي يارَ!
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

تُنهنجي پويان ڪيرُ اسان جي، سُپَرين! لَهندو سارَ؟
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

ساهَ ۾ تُنهنجي ساهَن جي، اَجا ٻ آ مهڪارَ
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

راتِ ڪُٽي ۽ باکَ ڦُٽي پيئي، جنهن پَل ويڙهيئي وارَ
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

پاڙِيءَ تي چڙُ ليڪا هُئا، تُنهنجا قولَ قَرارَ
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

وَري مِلڻَ جي مَهلَ وَري، شالَ هينئين جا هارَ
لُڙڪ لَڙي پيا لارَ ڪَري.

آءُ اسان وٽِ هيلَ،
جهولِ ڪَٽي رابيلَ؛
برکا رُتَ جي بانوري!

موٽُ مورَ ڙي، مَري نہ پَئي، ٻوڙي ٻوڙي ٻيلَ؛
برکا رُتَ جي بانوري!

ڏاڍن جُون ڏاڍيُون سائين! پوپاڙيءَ جي ڪيلَ؛
برکا رُتَ جي بانوري!

ڦِرَ ڦَرِ ڦِرَ ڦَرِ ڳاڙها جهندا، باڪَ ڦُٽيءَ جي ويلَ؛
برکا رُتَ جي بانوري!

ڳاٽَ اُڇي سان ٽيندا رهندا، منڙن سان پيا ميلَ؛
برکا رُتَ جي بانوري!

سانگيئڙن ڪي سارِ
ڏاريا ڪھڙا دوستَ ڙي!!

آيلَ پنھنجي اَن تان، ڪُڙمي ڪانگَ اُڏارِ
ڏاريا ڪھڙا دوستَ ڙي!!

رينِيءَ رتُ جو ريجُ ڏيئي، سونو سِجُ اُيارِ
ڏاريا ڪھڙا دوستَ ڙي!!

ڏُکن سُکن سان پرين! گڏجي سڏجي گھارِ
ڏاريا ڪھڙا دوستَ ڙي!!

سچلُ، سامي يا لَطيفُ
نانـــوَن ۾ چـــاهي؟
سچُ تہ سَچُ آهي!

سُورج سَدا لاءِ ڪو ڪينَ سگهيو لاهي،
سچُ تہ سَچُ آهي!

مُورکَ بَڪ بَڪ ڪن پيا، ماتِ ڪَئي ڏاهي
سچُ تہ سَچُ آهي!

دلبَر! پنهنجي ديس ۾ چا نہ ٿِيو آهي،
سچُ تہ سَچُ آهي!

ڪيڏا ڏينهنَ رَهي سگهبو، واريءَ - گهرُ ٿاهي!
سچُ تہ سَچُ آهي!

ظُلم ختم ٿي ويندو؟ تُون جي چئين: ناهي
سچُ تہ سَچُ آهي!

سپُنا ساپيا ماڻ،
هيلَ تہ خوشيُون آڻ
ڏاڍا ڏُکَ مليا هن.

چاهتَ پنهنجي پورِ پورِ جذبا رتوچاڻِ،
ڏاڍا ڏُکَ مليا هن.

يادُن آندي پاڻ سان، اکڙين ۾ آلاڻِ
ڏاڍا ڏُکَ مليا هن.

کليو مُنهنجي حالَ تي، رُنس جنهن جي ڪاڻِ،
ڏاڍا ڏُکَ مليا هن.

جندڙي جهوني ناوَ آ، وقتُ جيئين مهراڻ،
ڏاڍا ڏُکَ مليا هن.

پِپُرَ پيلا پَنَ،
ويا وِڪري واءُ ۾.

آندو آهي مونکي تُنهنجي، چنچل چاهہَ چمن،
ويا وِڪري واءُ ۾.

سامهون ساجنَ ساهہَ جا، پَسي مَتا مَن،
ويا وِڪري واءُ ۾.

يانيان ڏُوڏا ڏَڄُ مان، ڏاريا! تُنهنجا ڏُن،
ويا وِڪري واءُ ۾.

سڄُ سُٽن سَچارَ سَدا، ڪُوڙن ڪَپَهہَ - ڪَنِ،
ويا وِڪري واءُ ۾.

(جيون جي پهرين وائي)

ساڙيـــو ڙي ســــــاڙيو!
سَرڪش هِن سَماجَ کي.

ذاتِ پات جي فرقَ جاءِ ليڪا لتاڙيو!
سَرڪش هِن سَماجَ کي.

ڇڏي پُراڻا پيچرا، راههَ نئين تاڙيو!
سَرڪش هِن سَماجَ کي.

کِلو مِلو موجَ ڪيو، ڳوڙها جو ڳاڙهيو،
سَرڪش هِن سَماجَ کي.

پنهنجا ڪَيل قولَ قرارَ پرين سان پاڙيو!
سَرڪش هِن سَماجَ کي.

ڏيئا نينَ جَلائن، پنهنجو پاڻُ وچائن،
وَڻجارَن جي واٽَ تي.

شَل نہ پيارَ جي راهَہ تي، دليُون ڏُکائن،
وَڻجارَن جي واٽَ تي.

سڄڻ سِواءِ سُهاڳڻيون، مٽي مِٽي پائن
وَڻجارَن جي واٽَ تي.

هُجن کي پنهنجا پيارا جي، روئُون تہ پرچائِن،
وَڻجارَن جي واٽَ تي.

لوکن آڏو لوپي سائين! آخر پاڻُ لڄائن،
وَڻجارَن جي واٽَ تي.

# خوبصُورت شاعريءَ جو هڪُ حصو

مختيار ملڪ

هائيڪي (ٽيڙُو) جي اهم خوبي آهي، نازڪُ، نفيس ۽ دل کي وڻندڙ جذبن ۽ ويچارن وارا عڪس اُڪيرڻ. هن صنف سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي جاءِ والاري ائين محسوس ڪرايو آهي، ڄڻُ هيءَ اسان جي مزاج جي ويجهي آهي ۽ ٻيو ته ان صنفَ کي وڌائڻ، ويجهائڻ ۾ اسان جي شاعرن جو مُک ڪردار رهيو آهي، مان اياز گُل کي انهن شاعرن ۾ ان ڪري نه ٿو ڳڻيان ته هِن ڪُجهه هائيڪا لکي پاڻ ُ ڳڻايو آهي. پر حقيقت ۾ سندس ذڪر ان لحاظ کان اهم آهي، جو هن هائيڪي کي سنڌي مزاج موجب لکيو آهي. هونئن به ڪنهن ٻوليءَ جي صنفَ پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻڻ ئي ڪَمال نه هوندو آهي، بلڪ ان کي پنهنجو بڻائڻُ ئي مهارت آهي.

اياز گُل، هائيڪي کي ڇُهڻ وقت، هن جي فني تقاضائن کي پورو ڪيو آهي ۽ ان کي نئون اندازُ ڏيڻ وقت ان جي اصليت کي قائم رکيو آهي.

ترائيل يا هائيڪو ٻئي صنفُون اسان جي ادبي گهُرج وٽان آهن. اسان جي ادبي باغيچي ۾ هيءُ موهيندڙُ گُلن جو ٻوٽو، سَري خوشبوءِ ٻکيڙي سگهي ٿو. ترائيل جي ترقيءَ جي لاءِ کي گهٽيُون ڪوششون ڪونه ٿيون آهن، پر اُن

هوندي به نارائڻ شيام، هري دلگير، هري ڪانت، امداد ۽ ڪن ٻين، ڪامياب ترائيل لکيا آهن. نون لکندڙن وٽ جيتوڻيڪ اڪثر انهن جوئي انداز آهي، پر ڪيترن ان ۾ نئين ۽ نئين ڳولها ڪئي آهي ۽ ڪيترين ٻين ۾ تبديليون آٽي، ان جي ڏاريائپ ختم ڪري ڇڏي آهي. اهڙن لکندڙن ۾ اياز گل اڳين ۽ صِفَ ۾ بيٺل جهڙو آهي. هن جي ترائيل ۾ خيالن جو جيڪو ميڙ آهي، اهو ڪٿي به ٿُٽل محسوس نه ٿو ٿئي. ترائيل جي اهم ضرورت آهي هڪ سٽ جو ٻي سِٽ سان ڳانڍاپو ۽ اياز ان جو گهڻو خيال رکيو آهي. سندس ترائيل، سندس خوبصورت شاعريءَ جو هڪ حصو آهن.

# تيئون ربگا ۽ ترائيل

اونداهي اڌ راتِ
آءُ اچي ڪر سوجهرو
ڏيئن جهڙي ڏاتِ!

لڪي لياڪا پائي چنڊُ
آڏيءَ ويلي ڪيئن پينهي تي
انگِ اُگهاڙي غربَت جنڊُ.

اُٿليو آ درياهُ
ڪَچي ۾ ماڻهُن جو
آهي مُتِ ۾ ساهُ.

ڪُليل دَرُ
اچا ڪينَ ونيءَ جو
وريو وَرُ.

اوندهہ جا آثارَ
سجُ ڪڪرن جي ڪَڇَ ۾
وينگس چوڙيا وارَ.

متان سُڪل وَڻُ
هيئان آءُ اڪيلو ۾ سامهون
رڍن جو هِڪُ ڌڻُ.

ڳالهيون مصريءَ ڪندُ
چهرو ايئن پرينءَ جو
ڄڻُ چوڏهينءَ جو چندُ

جوئارِ جي اوٽَ
سيسرائيُون سَرياٽَ
ڪانَن ۾ ڦڙ ڦوٽَ.

سرنهن ڦُلاريا گُل
تي سڄي باغ ۾
هُٻڪارَن جا هُل.

ٻَمن ڌماڪا
”ڏٺي ڏِڄُ پَناهَ تُون“
ماڻهن جا واڪا.

شامَ لب مهراڻ
ساٿُ سُريلي دوستَ جو
هر ساعتَ سُرهاڻُ

ڏَهن رُپين جي موٽ
پيٽَ ٻُڪئيءَ پينو ڇوريءَ جا
چارِ گهَڙيءَ لاءِ گهوٽَ.

پائيندي ليڪا
ڪوري ڪاڳر تي لکجي ويا
ٻه ٽي هائيڪا.

ڊڄي جو ساهُ کٽي
تولئہ تارَن ٽوڙڻ جي ٽو
ڪيئَن سو هامَ هٽي

پردي پويان ٽُون
لِڪي ليئڙا پائين ٿي
پڪڙي ورتو مُون.

پُراڻو مندر
ڪرشن جي مورتيءَ تي
ويٺل ڪبوتر.

مُنهنجو تصورُ
تُون ۽ مان، ٻاهر شهر کان
هڪڙو ننڍڙو گهرُ.

مُون کان دردَ وسار
موٽڻ جي آفيس کان
مُرڪي بس نهارِ.

لِڪي مِلڻ جي هيرَ
ٻه ٻاڇا ٻَنيءَ ۾
ٻئي اُگهاڙي پيرَ.

ڪيسو ڪَترِيَلُ
ٻه ڳانا ٻچيءَ ۾
ميلي مان موٽيلُ.

ماٺُهن ليکي راند
مون لئہ ڪَوتا جوڙڻ آهي
سِسي نيزي پاندِ.

چَنُ ڪي تارا توڙڻ آهي،
وقتَ سندو منهن موڙڻ آهي.

سومَهٽيءَ جو گهُٽَ،
جهَٽَ پلڪ لاءِ واءَ جو جهونتو،
۽ پوءِ ساڳي ٻُٽَ.

پند - پهڻ ڪونديءَ ۾ پوتو،
اُيَ ۾ گهُورِ سگريٽَ جو سُوٽو.

سرڳُ ۾ عيشُ ڪينَ ٿو گھُرجي
پيارُ گھُرجي رُڳو ٿو آدَم جو
جذبو ڪنھن مُلھ ڪينَ ٿو تُرجي
سرڳُ ۾ عيشُ ڪينَ ٿو گھُرجي

ٻِئي جي مرضِيءَ سان جنھن ۾ ٿو چُرجي
سرڳُ اھڙو ڀلا، آ ڪنھن ڪَم جو؟
سرڳُ ۾ عيشُ ڪينَ ٿو گھُرجي
پيارُ گھُرجي رُڳو ٿو آدَم جو

مون کي گُذريل ڪنهن گهَڙيءَ وانگر وِساري ڇڏ تُون
پاڻَ تي شهرُ اجايو تي ڪِلائين سائڻ!
لُڙڪ ڳلڙن تان اُگهي، سينڌِ سنواري ڇڏ تُون
مون کي گُذريل ڪنهن گهَڙيءَ وانگر وِساري ڇڏ تُون

پنهنجي دل مان مُنهنجي يادُن کي ڌڪاري ڇڏ تُون
چو تي تيليءَ جيان دُکين، جيءُ جَلائين سائڻ!
مون کي گُذريل ڪنهن گهَڙيءَ وانگر وِساري ڇڏ تُون
پاڻَ تي شهرُ اجايو تي ڪِلائين سائڻ!

ٿُنهنجي روئڻ تي رُوحُ روئي ٿو
ڪِلِ، مُونکي بہ آ، کِلاءِ پرين!
اَهنجُ مُنهنجي اندرَ ڪي لوئي ٿو
ٿُنهنجي روئڻ تي رُوحُ روئي ٿو

سُور ۽ پُور دل ۾ پوئي ٿو
ٿهڪَ جي سُرَ ۾ سُرُ مِلاءِ پرين
ٿُنهنجي روئڻ تي رُوحُ روئي ٿو
ڪِلُ مُونکي بہ آ، کِلاءِ پِرين!

اچو ته مُرڪندي موڪِلائُيون مٺا!
جُدا ٿيڻَ ٿي لُڙڪَ لاڙيُون ڀَلا چو؟
سيئي دردَ دل ۾ دٻايُون مِٺا!
اچو ته مُرڪندي موڪِلائُيون مٺا!

جي گُذريُون گهَڙيُون سي ڀُلايُون مٺا!
هي ڪُجهُ پَل سُڪن جا پيي سارِيُون ڀَلا چو؟
اچو ته مُرڪندي موڪِلائُيون مٺا!
جُدا ٿيڻَ ٿي لُڙڪَ لاڙيُون ڀَلا چو؟

# ٻاڪَ جهڙا بيتَ ۽ دوها

تاج جويو

”دوهو“، هندي ڪوتا جي حسنَ جو اهڃاڻ آهي، ۽ ”بيتُ“ سنڌي شاعريءَ جي سونهن جي علامت. ان ڇوٽيءَ ۾ ڪوبه وڏاءُ نه ٿيندو ته سنڌي بيت، هندي دوهي ۽ سورٺي جي سنگم مان هڪ سندر صنفَ طور جنم ورتو ۽ اڄُ جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ مان بيتَ کي ڪڍي ڇڏجي، ته هوند اُها ٻُٽي ۽ ٻُسي لڳي، جيئن رِلي ٽُڪ سان سهٽي لڳندي آهي، جيئن ڳچَ ۾ ڪاوا جرڪي جوت پيدا ڪندا آهن، ۽ جيئن سنڌي ٽوپيءَ ۾ ٽِڪون جهرمر ڪنديُون آهن، تيئن بيت به سنڌي شاعريءَ لاءِ ساڳي حيثيت رکي ٿو. اسان جي سنڌي شاعريءَ جي روايت، ٽالپر دؤر کان انگريز دؤر تائين، ڪُجھ عرصو بيت ۽ وائيءَ کان هٽي وئي هُئي، پر سُڄاڻَ ۽ ساڃھ ـ وند سنڌي شاعرن، انهن ٻنهي حسن وند صنفن کي وري پنهنجو ڪري ورتو. ان ريت جديد سنڌي شاعريءَ جي اوساري گهڻي ڀاڱي بيت ۽ وائيءَ جي بنياد تي ڪئي وئي. اها روايت شيخ اياز کان اياز گُل تائين جيئن جو تيئن هلندي اچي ٿي. اياز گُل جي بيتن ۾ جيتوڻيڪ شيخ اياز واري فڪري گهرائي نه آهي، پوءِ به سندس بيت چيٽ جي چانڊوڪيءَ جهڙا سُهڻا آهن. جن جي سهٽي ٻولي، سادو اندازُ اعلیٰ تخليقي اُڏام ۽ مذرتا متاثر ڪندڙ آهي.

اياز گُل بيت تمام ٿورا چيا آهن. البت دوها ڪُجھُ سجيھ لکيا آهن. سندس دوها، دوها ـ چند جي مقرر قاعدي، **13 ـ 11** ماترائُن تي نه هوندي به وڻندڙ ۽ مَن موهيندڙ لڳن ٿا. اها پابندي، سنڌي شاعريءَ ۾ صرف نارائڻ شيام رکي سگھيو آهي، شيخ اياز وٽ به دوها **16 ـ 11** ماترائُن تي ملندا، پر اياز گُل، **6 ـ 11، 16 ـ 15، 16 ـ 16**، ماترائُن تي به دوها لکيا آهن، ۽ اهو ثابت ڪيو آهي ته سُٺا ۽ وڏا شاعر بحر وزن ۽ چند جا قاعدا خود جوڙيندا آهن، ۽ هو خيال کي گھُٽي ڏيڻ جي بدران وزن بحر کي پچي، پنهنجي پسند جا نوان وزن جوڙيندا آهن.

گُل جي دوهن ۾ جتي انفرادي پيار ـ پيڙا بَکي رهي آهي، اُتي انهن ۾ سماجي سرت جا اولڙا به موجود آهن.

# بيتَ ۽ دوها

# ببت

ڪِلي جڏهن ڪيچلي، ڳلنِ چُڳهه پَون،
چِتِ ڪي چريو ڪنِ، ڳلن ڳُجهيُون ڳالهڙيُون.

اکيُون وينگس واهه جُون، لَڄَ وندِيُون ڪاريُون،
سِڪان مان ساريُون، سپُني توڙي ساپيا ۾.

مِٺا مُنهنجي مَن ۾ سَدا تُنهنجي يادِ،
شالَ رهي آباد، نگري پنهنجي نينَهن جي.

سُهڻا مُنهنجي سوچَ ڪي، ڏي ڪا سُونهن ذَري،
پَون جيئن پَري، ڏيئا مُنهنجي ذات جا.

آهيُون اڄُ حيات، اسان مِٺا ميتَ!
سُيان رُڳو گيت، رهي ويندا راڄَ ۾.

مُرڪي وڏيا موتَ ڏي، گهوٽَن ڪاڏا گهاوَ،
ڏاڍِن جا ڏهڪاوَ، لَتا چاڙُ تہ ڏيهَ مان.

اڳتي وڌو، ڪُوڙ جا اِجهي ڪريا ڪوٽ،
ماڳُ پُڄي پوءِ موٽ! مهٽو ڪٽجو ڪينَڪي.

مُنجهيلَ مُنهنجي مَن تان، وسوسا ويچارَ
آئي تُنهنجي سارَ لحظي منجھ لَهي ويا.

دل جا ديپَ جليا، راتِّل ڪاڻِ راههَ ۾،
آيو، قولَ ڪليا، مَن - مندر ويو مَهڪجي.

وَسي دل دماغَ تي، يادُن جي برسات،
سڄڻَ ساري راتِ، نيڻَن بند ڀَڄي پيا.

سڄي هونئن سنسارَ ۾، اوندهِ اوندهِ ڀاتَ،
لالَڻَ تون ئي لاٽ، ويراڳِڻ جي واٽ جي.

پوڏ ڪچي ۾ جيئن، پوڙيا ڪچا ڪُهَر،
تُنهنجِن يادُن پَرَ ائين پوڙيو ذهن کي.

اکڻين ۾ سپُنا ائين، تَر ۾ جيئن تُوهَر
تن مان ڪوئي پَر، ساڀيا ماڻي نہ سگهي.

جذبا پنهنجي جيءَ جا، نڪورا ۽ نِجُ،
سِڪَ اسان جي سِجُ، رِجي پَوندين برف جيان.

اڪيُون اُيِيُون اُپ ڏي، چڙهي آءُ تہ چندَ
اونداهِيُن جا منڊَ، ٽُٽي ٽُڪرا ٿي وڃن.

آتي اجهي ۾ مُئل، ماڻهو ويچارا
پيارُ ۽ پيارا، وسري ويَن دل تان.

ويتر چاڪَ چڪائڻَ لاءِ اڄُ آئي آ عيدَ،
ڪائي آس، اُميد، بُڪين پيٽن ڏوَ ڪيا.

# دوها

اڄُ بہ تُنهنجي آس لڳائي، واٽَ تڪي تو پياسو مَنُ
آسَ نراسَ تہ ٿيٽي ناهي، جانِبَ! جيسين آ جيونُ

جيڪا تو ها گيتَ سُٽايا، پيڙَ ڏين تن تِن جا پڙلاوَ
ساوَنڻ سائين! هر هر چُلڪن، گهايلَ من جا گهرا گهاوَ.

چاهہَ ڏنا جي چَهڪ اجا يي، تازا آهن سي او راڻي!
مون وٽ ڪوئي گيتُ نہ باقي، ڪوئل آخر تي وئي ساٽي.

ڏُور پَيو ڪو چنگُ وڄائي، منڙو منڙو چنگُ،
سُرهو سُرهو سنگيت ائين جيئن، تُنهنجو مُنهنجو سنگُ.

ميت آ توکي موتي اڇو، ڪُتٽي آهي ڪاري رات
پوءِ مان چَوندُس، ڏِسُ او دنيا! مُحبت ناهي ڪاڏي مات.

روئندي روئندي راتِ تي گُذري، ڏکيو تو گُذري ڏينهن
سوچيان ويٺو، مُورک ماڻهو، چو تا لائن نينهُن.

”جيءَ جَڙيءَ کي جَسُ“ چيو جن، پيارَ کي وڏ سي پيارا ها
پَري هليا ويا پريت ڇڏي جي، سي ڪمزور سهارا ها.

هرڪو ماڻهو راڻو ناهي، ڪو ڪو مُومَل ماڻيندو
مُلهِ نہ مُحبت ملندي آ، جو ڏوڪڙَ ڏئي ڪو آڻيندو.

پلي وساري ويهو هاڻي، مُون کي مُنهنجا ميتَ
جيءُ اوهان جو جهوري وجهندا، مونکا پوءِ هي گيت.

واڌ اوهان جي ڪينَ لڌي سي، پڪي پڪي تڪجي پياسي،
سُور بڻائي ساز اسان پوءِ، گهايل گهايل گيتَ چياسي.

سچُ سمائي جڏهن اسان جا گُونجيا گهَر گهَر گيتَ
تڏهن اسان جي جيتَ آ سائين تڏهن اسان جي جيتَ.

گيتَ امر سي، جن ۾ آهي، ”اناالحق“ آوازُ
سرمدَ واري سوچ آ جنهن ۾ آزاديءَ جو سازُ.

مُنهنجي جيءَ جا جذبا جنهن پر
اُتلون ڏيندا آهن
گُلڙن جهڙا گيتَ ذهن تي،
سَرجي ايندا آهن.

لائي توڙُ نيائن جيڪي،
سيئي مُرڪ مَهان
صدقو تِن تان ساهُ اسانجو،
گهوري تن تان جان.

پيارُ ڪرڻ وارا ٿا پهرن،
پيڙا جي پوشاڪَ
پرين جي در جي خاڪ بہ سمجهن
ٿڌڙِي منڙي ماڪَ.

ديپُ جَلي جيئن انڌيارَن کي
روشنيون بخشيندو آ
شاعر پي تيئن جيءُ جَلائي
گيتَ گُلابي ڏيندو آ.

گُل! ڪنهين کي سُڪُجهه سمجهي،
تون پي پريت لڳاءِ
سيني ۾ ڪو هلڪو هلڪو،
منڙو سُور سَماءِ

توکي ساري نيڻَ اسان جا،
بادل وانگر برسيا ها
هلندي هلندي تُنهنجي دَرَ تي
خيالَ اسان جا ترسيا ها.

تُنهنجي ڇهري جي آڪاٽي، جنهن پَرِ نيڻَ پڙهن
تنهن پرِ سڪ سمونڊَ ۾ ڪيئي، ويرُون يارَ چڙهن.

خالي ڪوڪي جهڙا ماڻهو، بندِ سِپن جي دل جا دَرَ
ميڪ اَپ جي تهَه هيٺيان چهرا، ڏَنَل شهر جا ڪنڊَرَ.

دل ۔ دنيا جي اونداهيُن ۾ ڪينَ چڙهي تو چنڊُ
جذبا پنهنجا اَن ڪٽا هِن، جيونُ جيئڻ ڪو جنڊُ.

پوپَٽ جهڙا ماڻهو، تن جو پارس جهڙو پيارُ
سِڪ تَنين جي سيني ۾ آ، هر دم تاروُن تار.

باکَ ڦُٽيءَ سان ڦِتجي ويندو، اونداهيُن جو ڪيلُ
ڪينَ ڪڌهن ڪو جوڙي سگهندو، جذبن خاطر جيلُ.

مان ائين تي ويندُس دلبرا! تيندي توکان ڏار
شيءِ ڪسجڻ تي روئي ڏين جيئڻ، ڪلندي ڪلندي پارَ.

ديپُ تہ ڪوئي ناهيان مان، پَر آهيان مان ٽانڊاڻو
تيز هَوائُن ۾ پي جيڪو، ڪڏهن ڪينَ اُجهاڻو.

هيڏو رتُ ڇڏايل جيونُ، پل پل جنهن ۾ اُلڪا
ماڻُهن جي ٿڪن مان پُڏجن، جهيٽا جهيٽا سُڏڪا.

غَم اوهان جا ۽ دنيا جا، ڪَٽي گهُمون ٿا جيئن
ايڏا بار ڪٽي پوءِ ڪوئي، جيئرو رهندو ڪيئن؟

ڏٺي نہ جنهن جي سِڪ لهندي هُئي، ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا
ڏيڍُ سالُ ٿيو ملي اُنهيءَ سان، وقت وقت جا ڦيرا.

آهي جتان اڇلايو ويو، جهوپَن تي پٿرُ
ڪيئن ڀَلا پوءِ بچندو هاڻي، شيشي جو سو گهَرُ؟

ڏينهَن جي پوچارين تي چانيو، ڪاريءَ راتِ جو ڌَبُ
شهرَ جا ڏاها پي چُپُ آهن، چُري نہ ڪنهن جو چَپُ.

لَڏي ويا سي جوڳي جيڪي، پڪڙيندا ها نانگَ
هاڻي سارو ڳوٺُ هراسيل، اوطاقون پڙيانگ.

ڳُل تہ آهي پاڳل ماڻهو، پاچولي کي ڳولي تو
هردَم ٿهڪن ٽڙندڙ پنهنجيءَ هستيءَ کي پيو رولي تو.

# دوها

سال برابر لڳندي آهي. توبن هڪ گهَڙِي
ڪيئن گُذاري سگهبا جاني! ڏَهه ڏهاڙا هي.

تن ڏينهن کان مِليو نہ آهين، آهي منُ اُداس
چوڏهينءَ چندُ امبر تي آهي، پانيان پوءِ بہ اُماسُ.

ساييائُن کي ساري ساري، ڏَرا ڏئي ويا نينڻَ
ڪلهہَ بہ سپنا سينڻَ اکيُن جا، اڄُ بہ سپُنا سينڻَ.

شيوُ وڏائي، ڪپڙا ڦاڙي، بَن ڏي نڪري وڃجي
دل چاهي تي اڄُڪلهہ پنهنجو پاڻَ کان وسري وڃجي.

# سوايون

مُنهنجي ٻڄي وئي ڪمزوري آ
هڪ چوري جا پاڻَ زوري آ.

اُها گهَڙِي ٻه حياتيءَ ۾ هيلَ آئي آ
هُجوم ۾ تا رَهون پوءِ ٻه هيڪلائي آ.

هرڪو ماڻهو ڏُک ڏيندو تو وجي
مُون کي چِڻُ ڪائي خوشي گهرجي نه ٿي.

مُنهنجي دل جا دروازا کڙڪائڻ بند ڪري ڇڏ
هاڻي ڪوڙين ڳالهيُن سان پريائڻ بند ڪري ڇڏ.

هاڻي جي ڪنهن موڙَ تي گڏبو
ڏسي ڪري مُنهن ڦيري ڇڏبو.

تُون نه مِلنديڻءَ اُداسُ ٿي ويندُس
مان جيئڻ مان نراسُ ٿي ويندُس.

جاڳ هوندي به خُواب ۾ آهيُون
دوستؤ! بس عذاب ۾ آهيُون.

نيٺ پڙهڻو ئي توکي پوندو پرين!
پاڻَ تنهنجي نصابَ ۾ آهيُون.

تُون ۽ مان باوفا رهيا سي پرين!
بيوفا تي وَيُون مگر راهُون.

زهرُ ڏُک ڏُک ڪري پيئڻ چاهي
هو گهڻو وقت تو جيئڻُ چاهي.



# اياز گل